Reg No 2677
ABC Certified
ايڈيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي
جلد :12 | سومر 04 ڊسمبر 2023ع بمطابق 19 جمادي الاول 1445ھ | شمارو:54 | قيمت10 روپيا

غزه جي پٽي تي اسرائيلي بمباري سبب ڪنهن هنڌ تي هارن کان والدين تہ ڪٽي والدين هارن کان وڇڙي ويا

غزہ ۾ اسرائيلي دهشتگردي عروج تي پهچي وئي، هڪ ڏينهن دوران 700 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد، اڌ ڪ 16 هزار کان وڌي ويو

فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس سان عارضي جنگبندي جو معاهدو ختم ٿيڻ کان پوءِ اسرائيل جي غزہ ۾ هين قابض علاقن تي بدترين بمباري جو سلسلو جاري

اسرائيل طرفان غزه جي وڏي آبادي وارن علاقن تي حملا ڪيا پيا وڃن جتي اتر غزه کان جبري انخلا کان پوءِ فلسطينين جي وڏي اڪثريت پناهه ورتي

اسرائيلي فوج طرفان رهائشي عمارتن کي نشانو بنايو ويو. ان کان علاوه اسرائيلي فورسز جون خان يونس جي علاقي ۾ بہ چاپا مار ڪارروايون جاري

ترڪ تي وي جو صحافي ربا خالد لائيو ڪوريج دوران پنهنجو گهر تباهہ ٿيندي لڙڪ لاڙي ويٺو. اسرائيلي فورسز مسجد اقصيٰ جي شيخ عڪرمہ جي گهر تي بہ چاپو هنيو

غزہ ۾ اسرائيلي فوجن جي اجتماع ڪي نشانو بنايو ويو آهي. فلسطيني تنظيم طرفان اسرائيلي فورسز ۽ گاڏين کي نشانو بنائڻ جون وڊيوز بہ جاري ڪيون ويون آهن : حماس

غزہ (ر د) غزه جي سرڪاري ميڊيا جي ڊائريڪٽر جنرل جيو آهي تہ گذريل هڪ ڏينهن دوران اسرائيل جي وحشيائي بمباري جي نتيجي ۾ 700 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ۽ سوين زخمي ٿي ويا آهن. فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس سان عارضي جنگبندي جو معاهدو ختم ٿيڻ کان پوءِ اسرائيل جي غزہ ۾ هين قابض علاقن تي بدترين بمباري جو سلسلو جاري آهي. اسرائيل طرفان غزه جي وڏي آبادي وارن علاقن تي حملا ڪيا پيا وڃن جتي اتر غزه کان جبري انخلا کان پوءِ فلسطينين جي وڏي اڪثريت پناهہ ورتي آهي. اسرائيلي فوج طرفان رهائشي عمارتن کي نشانو بنايو ويو آهي. ان کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01



غزہ: اسرائيلي حملي ۾ تباهہ ٿيل عمارت هيٺيان دٻيل ماڻهن کي ڪڍيو پيو وڃي

نيتن ياهو اسرائيلي فوج کي پوري طاقت سان غزه تي ٻيهر حملا شروع ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

تل ابيب (ر د) اسرائيلي وزيراعظر نيتن ياهو پنهنجي فوج کي غزه تي پوري طاقت سان ٻيهر حملا شروع ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. پنهنجي خطاب ۾ نيتن ياهو چيو تہ حماس طرفان سيز فائر معاهدي جي پڄڪڙي سبب ٻيهر جنگ شروع ڪري رهيا آهيون. سمورن يرغمالين کي آزاد ڪرائڻ جي خاتمي تائين جنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

کينجهر کان ڪارونجهر تائين سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مختلف تقريبون منعقد

سنڌي گيتن جي گونجار، ٽوپي، اجرڪ سان عيد جي آجيان، قومي گيتن تي جهمريون

ڪراچي، حيدرآباد، ڪنڊڪوٽ، نوابشاهہ، ميهڙ ۽ هين شهرن ۾ ثقافتي ويس وڳا اوڍيل ماڻهن طرفان ريليون ڪيون ويون

نوابشاهہ، ميرپور ساڪرو، ڈهرڪي، نئون ڪوٽ، ميرپور ماٿيلو، واهي پانڊي، ڇاڇرو، قمبر، وارهہ، ڏورو نارو ۽ هين شهرن ۾ بہ ايڪتا جا رنگ جرڪي پيا

بادهہ، پٽ شاهہ، ڪوٽڙي ۽ هين شهرن ۾ بہ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پهري ماڻهو رستن تي نڪري آيا. سنڌي گيتن تي جهمريون، بدين ۾ اجرڪ جو 40 فوٽ جهنڊو ڦڙڪايو ويو

ايڪتا ڈهاڙي جي خوشي ۾ مڻايون بہ ورهايون ويون سنڌ جي ٻئي نمبر وڏي شهر حيدرآباد ۾ ايڪتا عيد جون تياريون مڪمل

شهباز پل وٽ قائم خانگي اسڪول ڪائونٽي ڪيمبرج، قاسم آباد جي گل عرساڻي اسڪول ۽ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول صافي ڪالوني ۾ ايڪتا جون ڌار ڌار تقريبون منعقد ڪيون ويون

ڪراچي /حيدرآباد (نمائندن وٽان) اڄ تہ ڪ ڏجي ٽئين سنڌ اڏيون جي سري هيٺ سنڌ جي سنڌ سان ملاقات شروع ٿي وئي. ڪنڈڪوٽ، نوابشاهہ، ميهڙ ۽ هين شهرن ۾ ثقافتي ويس وڳا اوڍيل ماڻهن طرفان ريليون ڪيون ويون آهن. ڪينجهر کان ڪارونجهر ۽ ڪشمور کان ڪراچي تائين سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا رنگ جرڪي پيا. ميهڙ ۾ بہ سنڌ سان ملاقات لاءِ ماڻهو بيٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

قومي ڈهاڙو مبارڪ، سنڌ جي ثقافت قديم ترين تهذيبن مان هڪ آهي: بلاول ڀٽو زرداري

سنڌ جي سدا بار ثقافت دنيا جي قديم ترين ۽ خوبصورت تهذيبن مان هڪ آهي

جا ماڻهو تاريخي طور پرامن، رواداري پسند ۽ محب وطن هجڻ سان گڏوگڏ فن ۽ فطرت سان محبت ڪندڙ رهيا آهن

ثقافتي سرگرمين سماج ۾ نفرت، تعصب ۽ انتهاپسندي لاءِ زهر آهي، جڏهن تہ رواداري ۽ سماجي هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اهرت آهي

ڪراچي/اسلام آباد (ر د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ سميت سجي ملڪ جي عوام کي سنڌي ثقافتي ڈهاڙي جون واڌايون ڏيندي اهن ميڊيا سيل بلاول هائوس پاران جاري ڪيل پٽڙائي موجب، پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ جي ثقافت مهذب، تهذيب ۽ روايتن جي امين آهي: نگران وڏو وزير

سنڌي ثقافتي ڈهاڙي تي سجي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو: جسٽس (ر) مقبول باقر

سنڌ جي ثقافت، تهذيب تمدن ۽ روايتن جي محافظ آهي، سنڌ تصوف جي ڌرتي آهي

سنڌي ثقافت ۾ مهمان نوازي، رواداري ۽ اخلاق ۽ پيار سپ کان وڌيڪ آهي



ڪراچي: آئي جي سنڌ رفعت مختار راجہ سنڌي ثقافتي ڈينهن جي مناسبت سان تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي(رپورٽر) نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) مقبول باقر کي سنڌي ثقافتي ڈهاڙو جون واڌايون، نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) مقبول باقر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

قومي عيد واري ڈهاڙي تي سنڌ سميت سموري دنيا ۾ رهندڙ سنڌين کي مبارڪون پيش ڪريان ٿي: سسئي پليجو

ڪراچي (ر د) سينيٽر سسئي پليجو سنڌ جي ثقافتي ڈهاڙي بابت بيان جاري ڪندي چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

آفيسرن سميت سموري سنڌ کي عيد ڈهاڙو مبارڪ هجي: آءِ جي سنڌ پوليس يونيفارم پائڻ سان بہ خدمت ڪندا آهيون : رفعت مختار راجا

اسان کي هن ٽوپي ۽ پگهار تي يقين رکڻو آهي، اسان پيار ۽ عزت وارا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا جو چوڻ آهي تہ اسان کي معاشري جي گندگي کي صاف ڪرڻو آهي. ڪراچي ۾ تقريب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ امن، محبت ۽ رواداري جو خطو آهي: آصف زرداري

ايڪتا ڈهاڙي جون سنڌ واسين کي واڌايون هجن

سنڌ جي سڃاڻپ مهمان نوازي آهي جيڪا سدائين برقرار رهندي

ڪراچي (رپورٽر) آڳوٺي صدر آصف علي زرداري ايڪتا ڈهاڙي جون سنڌ واسين کي واڌايون ڏنيون آهن. آصف زرداري پنهنجي پيغام ۾ چيو تہ سنڌ امن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آڳوٺ ناٿي واري وزير مفتاح اسماعيل جي پ پ ۾ شموليت جو امڪان

جماعت جا مفتاح اسماعيل سان معاملا طئي ٿيڻ وارا آهن : پ پ ذريعا

پارٽي قيادت جي منظوري کانپوءِ مفتاح اسماعيل سان رابطن جي شروعات ڪئي وئي

اسلام آباد (ر د) آڳوٺي ناٿي واري وزير مفتاح اسماعيل جي پ پ ۾ شموليت جو امڪان آهي. پ پ ذريعن دعويٰ ڪئي آهي تہ انهن جي جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16



لاهور: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي: قومي عيد جي موقعي تي نوجوان قومي گيتن تي رقص ڪري رهيا آهن



پارٽي ڪوشش ناڪام، پاڪستان يونيسڪو ايگزيڪيوٽو بورڊ جو وائيس چيئرمين چونڊجي ويو

پاڪستان 2023 کان 2027 جي مدي لاءِ يونيسڪو جي ايگزيڪيوٽو بورڊ ٻيهر چونڊجي ويو

15 نومبر 2023 تي ٿيندڙ چونڊن ۾ پاڪستان سپ کان وڌيڪ 154 ووٽ حاصل ڪيا هئا

اسلام آباد (ر د) پاڪستان سفارتي سطح تي پارٽ کي شڪست ڏئي چڙي ۽ يونيسڪو جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جو ميمبر ۽ پارٽ کي هارائي وائيس چيئرمين چونڊجي ويو. نومبر 2023 ۾ گذريل قومن جي سرپرستي ۾ گروپ چونڊن ٿيون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اقتدار مليو تہ هر شهري جي حقن جو تحفظ ڪرڻ اسان جو فرض هوندو: مولانا فضل الرحمان

ملڪ سجاد کي پارٽي ۾ شموليت تي پليڪار چوان ٿو. منهنجي زندگي جي تعمير ۾ هن علاقي جو اهم ڪردار آهي

مان شوگر جو مريض آهيان پر انب کائڻ لاءِ هتي ئي ايندو آهيان. اسان سياست ڪئي آهي. ديني ۽ مذهبي روين کي برقرار رکيو آهي

اسان اهڙن روين کي اپنايو جنهن ۾ فرقہ واريت جي گنجائش موجود نہ هئي

ملتان (ر د) جي يو آءِ (ف) جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان چيو آهي تہ جيڪڏهن اقتدار مليو تہ صاحب اقتدار ٿي هر شهري جي حقن جو تحفظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06



ملتان: جي يو آءِ (ف) جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سپريم ڪورٽ ۾ ڏاڪٽين تان ڪِري پوليس اهلڪار فوت

اسلام آباد (ر د) اسلام آباد ۾ سپريم ڪورٽ جي عمارت جي ڏاڪڻين تان ڪري پوليس ڪانسٽيبل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مريم اورنگزيب پارٽي کي وڏو نقصان پهچايو آهي، تفصيل جلد سامهون آڻينداس: دانيال عزيز

مهانگائي جي اصل ذميوار پي ٽي آءِ هئي تہ احسن اقبال جا چ چو نہ ڪرائي

احسن اقبال نيشنل پرائيس ڪنٽرول جو ايترو وڏو ادارو سنڀاليو پر ان جي ڪيس ڪابہ خبر نہ هئي

لاهور (ر د) (ن) ليگ جي آڳواڻ دانيال عزيز احسن اقبال کان پڇ. مريم اورنگزيب کي بہ سخت تنقيد جو نشانو بنايو آهي. پنهنجي هڪ ٽٽررير ۾ دانيال عزيز چيو تہ مريم اورنگزيب پارٽي کي جيڪو نقصان ڏنو ان جا جلد تفصيل سامهون آڻينداسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مريم ننديي پيڙ آهي، نہ اختلاف آهي، نہ ناراضگي: شاهد خاقان عباسي

پارٽي طرفان جيڪا سوچ رکي وئي آهي ان سان اتفاق راءِ نٿو رکان

چونڊن ۾ حصو نہ ونڊندس، چونڊن کان پوءِ امڪاني خرابي جو حصو نٿو بنجڻ چاهيان

منهنجي ڪنهن سان بہ ناراضگي نہ آهي. مريم نواز منهنجي ننديي پيڙ آهي ان سان اختلاف نہ آهي نہ ئي وري ناراضگي

اسلام آباد: (ر د) آڳوٺي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ن) جي آڳواڻ شاهد خاقان عباسي چيو آهي تہ مريم نواز منهنجي ننديي پيڙ آهي، ان سان اختلاف آهي نہ ئي وري ناراضگي. پارٽي طرفان جيڪا سوچ رکي وئي آهي ان سان اتفاق راءِ نٿو رکان. آمريڪي خابرو اداري کي ڏنل انٽرويو ۾ شاهد خاقان عباسي چيو تہ چونڊن ۾ حصو نہ ونڊندس، چونڊن کان پوءِ امڪاني خرابي جو حصو نٿو بنجڻ چاهيان. چونڊون فيئر ٿيون ۽ اگر نہ ڪجي تہ معاملا اڃان وڌي سگهن ٿا. اڃان جو رستو طئي تہ ڪيو ويو تہ حڪومت هلائڻ مشڪل هوندي سڀني کي گڏجي فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ ملڪ ۾ ڪهڙي تبديلي آڻڻ گهرجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: آڳوٺو وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ن) جي آڳواڻ شاهد خاقان عباسي

آڳوٺو چيئرمين پي ٽي آءِ صدارتي نظام چاهي ٿو: پرويز خٽڪ

پارٽي ۾ اڳ ۾ چار کان پنج چونڊون جعلي هيون، رڳو ڪاغذي ڪارروائي هئي، پارٽي ۾ جمهوريت هجڻ گهرجي

آڳوٺو چيئرمين غداري ۽ آئين جي پڄڪڙي ڪئي، مٽس دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪيو وڃي

جڏهن سندس حڪومت ختم ٿي تہ اسان وٽ اڪثريت نہ هئي، هن سوچيو هو تہ ملڪ کي هلڻ نہ ڏيندا سين.

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي پارليامينٽرين جي سربراهہ پرويز خٽڪ چيو آهي تہ آڳوٺو چيئرمين پي ٽي آءِ، ملڪ ۾ چونڊون نہ صدارتي نظام چاهي ٿو. نجي ٽي وي سان گالهائيندي پرويز خٽڪ چيو تہ پارٽي ۾ اڳ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پ پ عوام جي مدد سان اڪيلي حڪومت ٺاهيندي: شرجيل ميمڻ

ڪجهہ ماڻهو مايوسي جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. پاڪستان جي ادارن خلاف سازشون ڪيون ويون

صرف عوام جي مدد سان پيپلز پارٽي اڪيلي حڪومت ٺاهيندي ۽ 8 فيبروري تي تاريخ سوپ حاصل ڪندي

اوهان لاهور کي پورو پاڪستان سمجهي رکيو آهي. بلاول ڀٽو خيبرپختونخواهہ ۽ بلوچستان جا ڪامياب دورا ڪيا

ڪراچي: (رپورٽر) شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي صرف عوام جي مدد سان اڪيلي سر حڪومت ٺاهيندي. بلاول هائوس ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو تہ ڪجهہ ماڻهو مايوسي جون گالهيون ڪري رهيا آهن. پاڪستان جي ادارن خلاف سازشون ڪيون ويون. ادارن کي بدڻ جون سازشون ڪيون ويون. شرجيل ميمڻ چيو تہ پيپلز پارٽي ملڪ جي هر ڪنڊ ۾ پنهنجو پاڻ کي مجرايو آهي. صرف عوام جي مدد سان پيپلز پارٽي اڪيلي حڪومت ٺاهيندي ۽ 8 فيبروري تي تاريخ سوپ حاصل ڪندي. هن چيو تہ ارهان لاهور کي پورو پاڪستان سمجهي رکيو آهي. بلاول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12



ڪراچي: اڳوٽو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سڪرنڈ پرسان خوفناڪ روڊ حادثو 3 سڳا ڀائر فوت، هڪ زخمي

ٽڪر جي نتيجي ۾ ٽي پورهيت ڀائر شمن خاصخيلي 40 ورهين جو گلشير، 24 ورهين جو منور ولد شاهہ محمد خاصخيلي موقعي تي فوت ٿي ويا

گوٺاٽن جي اطلاع تي همدرد فري ايمبولينس ڏريعي فوتين ۽ زخمي کي تعلقہ اسپتال سڪرنڊ آندو ويو

حادثي جي زخمي آصف خاصخيلي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري نواب شاهہ اسپتال نيو ويو

سڪرنڊ (رپورٽر) سرهاڙي ويندڙ روڊ بائيو شخ وٽ تيز رفتار ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر نتيجي ۾ ٽي پورهيت ڀائر 18 ورهين جو شمن خاصخيلي ولد شاهہ محمد خاصخيلي، 40 ورهين جو گلشير ولد شاهہ محمد خاصخيلي، 24 ورهين جو منور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ستي استيشن جي گودام مان آتشبازي جو سامان هٿ

ڪارگو مان آتش گير مادو هٿ ڪندڙ 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي : ريلوي اختياريون

جوابدارن خلاف ريلوي پوليس ڪراچي سٽي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ريلوي پوليس ستي اسٽيشن جي گودام مان غير قانوني آتشبازي جو سامان هٿ ڪري ورتن ريلوي اختيارين موجب پابندي هيٺ آڻيندي ۽ اسٽرنگ فائر ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

گلائي اسماعيل جو نالو دهشتگردن جي فهرست ۾ شامل

گلائي اسماعيل جو نالو 7 جون 2019 کان ٽيرر فنانسنگ جي الزام ۾ فهرست ۾ شامل آهي: دستاويز

گلائي اسماعيل خلاف دهشتگردي روڪ قانون تحت قلم داخل آهن

پشاور (ر د) خيبر پختونخواهہ ۾ عورت دهشتگردن جي فهرست ۾ ناليواري سماجي ڪارڪن گلائي اسماعيل جو نالو بہ شامل آهي. دستاويز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

چلاس ۾ فائرنگ سبب بس کي ٽڪر، 8 ڄڻا فوت

فائرنگ جو واقعو حلدور ويجهو پيش آيو، جنهن جي نتيجي ۾ بس ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي

بس ۾ 26 مسافر سوار هئا، حادثي ۾ 8 ڄڻا فوت ۽ 16 زخمي ٿي پيا : ڊي سي ديامر عارف احمد

گلگت (ر د) گلگت بلتستان جي علاقي چلاس ۾ قراقرم هاءِ وي تي اڃاتل ماڻهن هڪ بس تي فائرنگ ڪري ڏني. جنهن جي نتيجي ۾ بس ڪلتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آڳوٺي ناٿي واري وزير مفتاح اسماعيل جي پ پ ۾ شموليت جو امڪان

جماعت جا مفتاح اسماعيل سان معاملا طئي ٿيڻ وارا آهن : پ پ ذريعا

پارٽي قيادت جي منظوري کانپوءِ مفتاح اسماعيل سان رابطن جي شروعات ڪئي وئي

اسلام آباد (ر د) آڳوٺي ناٿي واري وزير مفتاح اسماعيل جي پ پ ۾ شموليت جو امڪان آهي. پ پ ذريعن دعويٰ ڪئي آهي تہ انهن جي جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

آبادگارن لاءِ نئين پريشاني، پاڻ جي اگهہ ۾ وڏي واڌ

يوريا جي 50 ڪلو بوري هڪ هزار روپين تائين مهانگي ٿي وئي

پشاور ۾ يوريا پاڻ جي قيمت 1000 روپيا وڌي، گوجرانوالا ۾ 500 روپيا، سکر ۾ 300 روپيا مهانگي ٿي

اسلام آباد (ر د) پاڻ جي اگهہ ۾ هڪ هفتي دوران وڌي واڌ ٿي وئي. سرڪاري دستاويز موجب گذريل هڪ هفتي ۾ يوريا جي 50 ڪلو بوري هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

حافظ آباد ۾ 3 عورتن تي فائرنگ ڪندڙ جوابدار گرفتار

جوابدارن گذريل رات پراڻي دشمني تان عورت تي فائرنگ ڪئي : پوليس

ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن : پوليس

حافظ آباد (ر د) حافظ آباد جي علاقي رامڪي چشتي ۾ فائرنگ ڪري 3 عورتن کي زخمي ڪندڙ 3 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. پوليس مرجب جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

شيرافضل مروت سميت 21 ڄڻ خلاف ڪيس داخل

ايس ايڇ او خلاف قلم 144 جي پڄڪڙي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ورڪرز ڪنونشن ۾ پي ٽي آءِ جي عهديدارن ۽ ڪارڪن شرڪت ڪئي : پوليس

صوابي (ر د) صوابي ۾ تحريڪ انصاف جي وڪيل شيرافضل مروت سميت پي ٽي آءِ جي 21 مقامي آگرائن ۽ ڪارڪن خلاف ڪيس داخل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پيڙ ڍاهہ ڪيس: اسد قيصر کي جيل موڪلڻ جو حڪم

اسد قيصر کي مردان جي جڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

عدالت اسد قيصر جي جسماني رمانڊ تي پوليس جي درخواست رد ڪري ڇڏي

مردان (ر د) مردان جي جڊيشل مئجسٽريٽ عطا الرحمان آڳوٽي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسد قيصر کي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. آڳوٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اهم آمريڪي عهديدار جلد پاڪستان جو دورو ڪندا: پرڏيهي ترجمان

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ ڪيترن ئي معاملن تي مشاورت جاري آهي، مشاورتي عمل کي آڳتي وڌائڻ لاءِ دورا بہ ٿيندا آهن

ايندڙ ڏينهن ۾ اهم آمريڪي عهديدارن جا پاڪستان جا دورا بہ ٿي رهيا آهن

آبادي، پناهگيرن ۽ مائيگريشن بابت اسسٹنٹ سيڪريٽري پاڪستان جو دورو ڪندي

اسلام آباد (ر د) پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي تہ ايندڙ ڏينهن ۾ اهم آمريڪي عهديدار پاڪستان جو دورو ڪندا. ممتاز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27



اسلام آباد: پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ هفتيوار بريفنگ ڏيندي

تعليمي ادارن ۾ موبائيل فون جي استعمال تي پابندي لاڳو

ويلنگٽن (ر د) نيوزيلينڊ جي حڪومت اسڪولن ۾ موبائل فونز جي استعمال تي پابندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عمران پنهنجي ڪرسي زرداري جي تيار ڪيل هيري حوالي ڪري ڇڏي: خواجا آصف

هڪ سال اندر عمران خان کي زرداري جو تيار ڪيل هيرو پسند آيو تہ پنهنجي ڪرسي ان حوالي ڪري ڇڏيائين

پنهنجي غير حاضري ۾ هو پراڻن ساٿين تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن شخص سڄي عمر ماڻهن کي دوکا ڏنا هجن

تي آءِ ليڊرن ۽ ڪارڪنن لاءِ ٻڌي مرڻ جو مقام آهي : ن ليگ اڳواڻ

اسلام آباد (ر د) ن ليگ اڳواڻ خواجا آصف جيو آهي تہ عمران خان پنهنجي ڪرسي زرداري جي تيار ڪيل هيري حوالي ڪري ڇڏي، اهو بي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21



لاهور: پاڪستان مسلم ليگ ن جو سينيٽر اڳواڻ خواجہ سعد رفيق صحافين سان گالهائيندي

ڪراچي گدلاڻ ۾ دنيا جي سڀني شهرن کي پوئتي ڇڏي ڏنو

ڪراچي (ر د) ڪراچي جي هوا ۾ گدلاڻ جي شرح 244 پرٽيڪيوليٽ ميٽر ڪاربڊ ڪٿي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسان کي ٻڪرين جيان بند ڪيو ويو، نواز شريف کي هوڏانهن هيڏي آندو ويو: عمران خان

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي خاص عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين سائفر ڪيس جي ٻڌڻي اڊيالا جيل ۾ ڪئي

وزيراعظم طور سائفر جي معاملي تي جا ڄ جو حڪم ڏنو، ان ۾ جيڪي ماڻهو ملوث آهن اهي طاقتور آهن

راولپنڊي (ر د) تحريڪ انصاف جي آڳوٽي چيئرمين عمران خان چيو آهي تہ اسان کي هوڏانهن هيڏي آندو ويو آهي. آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي خاص عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آڳوٽن ايم پي ايز ۽ وزيرن گاڏيون واپس نہ ڪيون، ڪاروائي جو فيصلو

سرڪاري گاڏيون ڳولا ڪرڻ ۽ غير واسطيدار ماڻهن جي استعمال هيٺ سرڪاري گاڏين جي جاچ لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي وئي

سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم جي سربراهي ۾ پنج رڪني ڪميٽي قائم وئي

ڪراچي: (رپورٽر) سنڌ حڪومت آڳوٽن وزيرن، ايم پي ايز ۽ آفيسرن طرفان سرڪاري گاڏيون واپس نہ ڪرڻ تي قانوني ڪارروائي جو فيصلو ڪري ورتو آهي. سرڪاري گاڏيون ڳولا ڪرڻ ۽ غير واسطيدار ماڻهن جي استعمال هيٺ سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پنجاب ۾ ڊينگي جا 97 نوان مريض ڪيس رپورٽ

هن سال پنجاب جي 36 ضلعن ۾ ڊينگي جا 14 هزار 432 مريض سامهون آيا آهن : سيڪريٽري صحت پنجاب

لاهور ۾ 61، راولپنڊي ۾ 2، گوجرانوالا ۾ 11، فيصل آباد ۾ 10، ملتان ۾ 4 ۽ شيخوپورہ ۾ 2 نوان ڊينگي جي مريض جي تصديق ٿي آهي

لاهور (ر د) پنجاب ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا 97 نوان ڪيس ظاهر ٿيا آهن. سيڪريٽري صحت پنجاب علي جان خان مرجب هن سال پنجاب جي 36 ضلعن ۾ ڊينگي جا 14 هزار 432 مريض سامهون آيا آهن. علي جان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ٺٽو، مڪلي سميت ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ سنڌي ثقافت جا رنگ جرڪي پيا

ريليون ڪڍي ثقافت واري ڏيهاڙي کي عيد جيان ملهايو ويو، قومي گيتن تي جهمريون هنيون ويون، جيئي سنڌ جا نعرا

اسان کي پنهنجي ثقافت تي ناز آهي، جنهن ۾ سنڌي ٽوپي، اجرڪ، کهاڙي، پٽڪو اهم نشاني آهي : اڳواڻ

اسان جو ثقافتي ڏيهاڙو عيد ڏيهاڙي کان گهٽ ناهي، جنهن کي هرسال جوش جذبي سان ملهايون ٿا

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي ثقافت واري ڏهاڙي تي سموري سنڌ رنگن ۾ رنگجي وئي، ٺٽو، مڪلي سميت ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ سنڌي ثقافت جا رنگ جرڪي پيا. ريليون ڪڍي ثقافت واري ڏيهاڙي ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ميرپورساڪرو سچي سنڌ
جيئان ثقافتي رنگن
سان رنگجي ويو

مير پور ساڪرو (رپورٽر) ميرپورساڪرو سچي سنڌ جيان ثقافتي رنگن سان رنگجي ويو، اجرڪ ٽوپي پٽڪي سان ننڍن توڙي وڏن جون جهمريون ٻهارا . ميرپورساڪرو ڌابيجي گجو گهارو ،ڀنپور، ٺٽو شهر ۽ ٻين شهرن ۾ ريليون ۽ رقص رپورٽ موجب ته سچي سنڌ جيان شهر ساڪري. ٻهارا گهارو گجو ڌابيجي ڀنپور غلام الله/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05



ٺٽو: ثقافتي ريلي دوران نوجوان رقص ڪري رهيو آهي

خانواهڻ ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ ريلي

يار ست سنڌ جي مايوس ماڻهن ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي : اڳواڻ

اسان جي ثقافت پنج هزار سال قديم آهي ۽ اسان کي پنهنجي ثقافت تي ناز آهي

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) روزاني سنڌ يار جي سڏ تي خانواهڻ ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ شاهه لطيف ڪالوني کان جسقم ، شاهه لطيف فائونڊيشن ، سنڌ ترقي پسند پارٽي ، سنڌي ادبي سنگت، ڪونٽر سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ ٻين سماجي تنظيمن پاران گڏيل شاندار ريلي ڪڍي وئي جيڪا صراف بازار ، شاهي بازار ، هاءِ اسڪول محلا کان ٿيندي عيدگاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز ۾ هنڊا شورو پاران 3 ڊسمبر ثقافتي ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

شوروم جي مالڪ عبدالشڪور عباسي، عزيزالله سومرو، اويس علي قل، صحافي يونس راڄپر، مشتاق مري ۽ ٻين جي شرڪت

نوجوان قومي گيتن تي رقص ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، سنڌ جي ثقافت اسان جي دلين ۾ سمايل آهي : اڳواڻ

هنڊا ستي به سنڌ واسين سان محبت جي اظهار لاءِ ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور طريقي سان ملهائي رهي آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ سائوٽ ستي هنڊا شورو پاران 3 ڊسمبر ثقافتي ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، ان موقعي تي سائوٽ ستي هنڊا شوروم جي مالڪ عبدالشڪور عباسي، عزيزالله سومرو، اويس علي قل، فراز احمد، صحافي يونس راڄپر، مشتاق مري، ارشاد عباسي، جميل احمد راڄپر پاران ڪيڪ ڪاٽي تقريب جو باقائده آغاز ڪيو ويو، ثقافت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر : ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن
ڪاتي جو موٽر وهيڪل ڊپارٽمينٽ
ڪرپشن جو گڙهه بڻجي ويو

سکر (رپورٽر) سکر : ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڪاتي جو موٽر وهيڪل ڊپارٽمينٽ ڪرپشن جو گڙهه بڻجي ويو، تفصيل موجب ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڪاتي سکر جو موٽر وهيڪل ڊپارٽمينٽ ڪرپشن جو گڙهه بڻيل آهي سکر ضلعي مان گاڏين جا ڪاغذ ٺهرائڻ لاءِ ايندڙ شهرين کي سخت پريشانين جو منهن ڏسڻو پوي ٿو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09



نوشهروفيروز: ثقافتي تقريب دوران اڳواڻن کي اجرڪ اوڍايو پيو وڃي

سنڌي ثقافت جي ڏهاڙي تي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو : نگران وڏو وزير

سنڌ جي ثقافت مهذب تهذيب ۽ روايتن جي امين آهي ۽ سنڌ تصوف جي واري ڌرتي آهي : مقبول باقر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، لعل شهباز قلندر، سچل سرمست، عبدالله شاهه غازي جهڙن عظيم صوفين جا چيرچانو آهي

سنڌي ثقافت ۾ مهمان نوازي، رواداري، اخلاق ۽ محبت جو جذبو سڀ کان مٿانهون آهي

ڪراچي (رپورٽر) نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) مقبول باقر سنڌي ثقافتي ڏهاڙي تي واڌايون ڏيندي چيو آهي ته اڄ سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين کي سنڌي ثقافت جي ڏهاڙي تي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو هن اهڙو اظهار اڄ ڏينهن وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل سنڌس بيان ۾ ڪيو نگران وڏي وزير مقبول باقر چيو آهي ته سنڌ جي ثقافت مهذب تهذيب ۽ روايتن جي امين آهي ۽ سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سموري سنڌ جيئان وارهه تعلقو به سنڌي قومي ثقافتي رنگن ۾ رنگجي ويو

سياسي سماجي، قومپرستن ادبي سنگت ۽ نجي اسڪولن پاران شاندار ثقافتي ريليون ڪڍيون ويون

سمورن غير ملڪين کي نيڪالي ڏني وڃي، سنڌ جا وسيلا سنڌ حوالي ڪيا وڃن : اڳواڻ

سنڌ جي زمين زرعي سڌاري جي نالي تي فورسز حوالي ڪرڻ بدران سنڌ جي بي زمين هارين غريبن مزدورن ۾ تقسيم ڪئي وڃي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) سموري سنڌ جيئان وارهه تعلقو به سنڌي قومي ثقافتي رنگن ۾ رنگجي ويو، سياسي سماجي، قومپرستن ادبي سنگت ۽ نجي اسڪولن پاران شاندار ثقافتي ريليون ڪڍيون ويون، تفصيل موجب : سموري سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

عوامي تحريڪ پنهنجي نظرياتي ۽ تنظيمي
ڪارگذاري وسيلي سنڌ جي مختلف علائقن مان
بهترين ڪارڪن پيدا ڪيا آهن : مهراڻ درس ۽ ٻيا

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) سنڌ ۾ سياسي سجاڳي واري هلچل ۾ لطيف بلوچ جهڙن ڪاهوڙي ڪارڪنن جو اهم ڪردار رهيو آهي اهڙن خيالن جو اظهار عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مهراڻ درس، ايڊووڪيٽ فاضل زئور، ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو، مرتضيٰ جمالي، مرتضا شار، ذوالفقار زئور ۽ ٻين لطيف بلوچ جي ورسيءَ جي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18



وارهه : ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

خانپور مهر ۾ روزاني سنڌ يار اخبار جي سڏ تي شاندار ثقافتي ريلي

ايڪتا ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ سنڌو چوڪ مختيار ڪار آفيس کان شاندار ريلي ڪڍي وئي

انساني زنجيرن ٺاهي وئي، هزارن جي تعداد ۾ سياسي سماجي تنظيمن جي شرڪت

ريلي دوران اسڪولي ٻارڙن پڻ سنڌي گيتن تي رقص ڪيو ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ روزاني سنڌ يار اخبار جي سڏ تي ايڪتا ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ سنڌو چوڪ مختيار ڪار آفيس کان شاندار ريلي ڪڍي وئي ۽ انساني زنجيرن ٺاهي وئي جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ سياسي سماجي تنظيمن جسڪائي، اتحاد، جسقم، آل مزدور اتحاد، هندو پنچائت خانپورمهر ۽ ٻين تنظيمن پاران ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي دردو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سن ۾ ايس يو پي جي چونڊ، چيئرمين سيد جلال محمود شاهه چونڊجي ويو

سنڌ ۾ بي لوث جدوجهد ئي نتيجا ڏئي سگهي ٿي ڪارڪنن چونڊن جي ڀرپور تياري ڪن : سيد زين شاهه

ايس يو پي جمهوري پارٽي آهي، مقصد سنڌ کي خودمختيار خوشحال ڪري عوامي معيار کي ترقي تي پهچائڻ آهي

انصاف لاءِ قومي نمائندگي نه اچي سگهي آهي سياست کي اسٽيبلشمينٽ جي ماتحت ڪيو ويو آهي

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) سن ۾ ايس يو پي جي چونڊ چيئرمين سيد جلال محمود شاهه صدر، زين شاهه جنرل سيڪريٽري، جگديش آهوجا چونڊجي ويا، سنڌ ۾ بي لوث جدوجهد ئي نتيجا ڏئي سگهي ٿي ڪارڪنن چونڊن جي ڀرپور تياري ڪن سيد زين شاهه جو خطاب تفصيل موجب سن ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو ٻه روزه 13 هون جنرل ڪائونسل جو اجلاس مرڪزي صدر سيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شهدادپور ۾ سنڌي
ميڊيا گروپ جي
ثقافتي سڏ تي ريليون

شهدادپور (رپورٽر) سنڌي ميڊيا جي ثقافتي سڏ تي ڀٽائي سرڪار جي سرمي مائي سهڻي جي درگاهه تي پريس ڪلب شهدادپور جو وفد نور سنڌي شاد منگي قاسم ڪلوئي ڊاڪٽر الهجڙيو هنگورو غلام عباس سانڊ علي نواز سريوال اسد ڏاهري اسلم خاصخيلي ساڄن جاني ڏيٿو ممتاز ڪلوئي ۽ تاجران شهدادپور جي اڳواڻ حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26



مانجهند :ايس يو پي جو صدر سيد زين شاهه تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي الڳ الڳ ريليون، قومي گيتن تي جهمريون

ننڍا وڏا، عورتون ۽ مرد سنڌي ثقافتي ويس پائي سنڌي ثقافتي گيتن تي جهمريون پائي سنڌ سان محبت جو اظهار ڪيو

مختلف سياسي -سماجي ۽ قوم پرست پارٽين پاران ريليون ڪڍي جيئي سنڌي ثقافت جا نعرا هڻندا رهيا

ثقافت واري ڏينهن تي سکر جي صحافين شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ تي پيٽا پيش

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌي ثقافت جي ڏينهن تي سنڌ جي ٻين شهرن جيان سکر ۾ به جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ننڍا وڏا، عورتون ۽ مرد سنڌي ثقافتي ويس پائي سنڌي ثقافتي گيتن تي جهمريون پائي سنڌ سان محبت جو اظهار ڪيو مختلف سياسي سماجي ۽ قوم پرست پارٽين پاران ريليون ڪڍي جيئي سنڌي ثقافت جا نعرا هڻندا رهيا ۽ سکر پريس ڪلب ٻاهران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

پنگو بهڻ شهر به ايڪتا جي رنگن سان رنگجي ويو

سنڌي ميڊيا پاران اعلائيل ثقافتي ريلي ڪڍي وئي، جهمريون

سنڌ جي هزارين سال پراڻي آهي جنهن جا وارث اسان سنڌي آهيون : اڳواڻ

پنگو بهڻ (رپورٽر) پنگو بهڻ شهر به ايڪتا جي رنگن سان رنگجي ويو، سنڌي ميڊيا پاران اعلائيل ثقافتي ريلي ڪڍي وئي، امين ٻاتو ڪان نڪتل ريلي شهيد عمران احمد ڪنڊ جي مزار کان ٿيندي مختلف محلن مان ٿيندي مين چوڪ تي پهتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪنڊڻ ۾ ثقافتي ڏهاڙي تي عوامي پريس ڪلب ۽ پريس ڪلب پاران ريلي

سياسي سماجي شهرين واپارين هر مقتبي فڪر جي ماڻهن سميت ٻين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

اسان جس ڏيون ٿا سنڌي ميڊيا کي جنهن سنڌ جي ثقافت اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو : اڳواڻ

ڪنڊڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) عوامي پريس ڪلب ۽ پريس ڪلب پاران ڀهڊمي چوڪ کان ثقافتي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي شهرين واپارين هر مقتبي فڪر جي ماڻهن سميت فرحان پبلڪ اسڪول جي استادن شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



ڪنڊڻ : ايڪتا ڏهاڙي جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سامارو ۾ گهر تي حملو، 3 زخمي، متاثرن پاران احتجاج

متاثر بيواهه عورت زخمي پٽن سان گڏ نيشنل پريس ڪلب تي احتجاج ڪيو

جوابدارن خلاف ٿي پر پوليس ڪا به ڪارروائي نٿي ڪري : بيواهه عورت

سامارو (رپورٽر) سامارو روڊ شهر جي چوهاڻ ٻاڙي ۾ به متاثر ڌر جي بيواهه عورت جو پنهنجي زخمي پٽن سان گڏ نيشنل پريس ڪلب تي احتجاجي مظاهرو تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي ۾ شهيد پوليس اهلڪارن جي وارثن کي مانجهاندو

شهيدن جي قربانين تي ڪين خراج تحسين پيش ڪريان ٿو : غلام اظفر مهيسر

شهيدن جي قربانين کي ڪنهن صورت ۾ وساري نٿو سگهجي، وارثن سان گڏ آهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ايسٽ پوليس پاران شهيد پوليس اهلڪارن جي وارثن کي مانجهاندو ڏنو ويو جنهن ۾ شهيدن جي وارثن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڊي آءِ جي ايسٽ زون غلام اظفر مهيسر ،ايس ايس پي ايسٽ عرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گهارو شهر ۾ ثقافتي ڏهاڙي تي ريليون، جهمريون

سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي آهي، اسان کي پنهنجي ثقافت تي ناز آهي : اڳواڻ

اسان جو ثقافتي ڏيهاڙو عيد ڏيهاڙي کان گهٽ ناهي، هرسال جوش جذبي سان ملهايون ٿا

گهارو (بشام جوکيو) سنڌ جي ثقافت واري ڏهاڙي تي سموري سنڌ رنگن ۾ رنگجي وئي، گهارو شهر ۾ جسقم پاران گلزار شاهه،اياز شاهه،نظام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



گهارو : ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

مورو ۾ حضرت سائين عبدالعزيز لغاري رح جو ساليانو ملهايو ويو

درگاهن جي گادي نشينن، مريدن، عقيدتمندن، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ شهرين جي شرڪت

سائين عبدالعزيز لغاري هميشه روشن راهون ڏيکاري انسانيت جي بهتري پلائي ڪئي : اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو ۾ سنڌ جي نالي واري صوفي بزرگ استاد العلماء اولياء شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي رسالي ۾ مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي جي پارکو حضرت سائين عبدالعزيز لغاري رح جو ساليانو 14 هون عرس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر شهر ۾ قبضا مافيا جي ڪا به جاءِ ناهي : ارسلان اسلام شيخ

عمران خان ملڪ جي عوام سان وڏا واعدا ڪيا پر چا انهن واعدن تي عمل نه ٿي سگهيو

نئون پنڊ سميت شهر جي عوام جي ڀلائي لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويندي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي ميئر بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو آهي ته اليڪشن جو ڏينهن ويجهو اچي رهيو آهي، پنهن سالن کان عوام کان پري رهندڙ سياسي يتيم هڪ ڀيرو ٻيهر عوام کي دوکو ڏيڻ لاءِ ميدان ۾ اچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



سکر: ميئر ارسلان اسلام شيخ ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز ۾ ايڪتا جا رنگ نکري پيا، جهمريون

شهر جي مختلف علائقن ۾ سنڌين قومي ۽ ثقافتي گيتن تي رقص ڪيو ويو

پ پ 5 ڪارڪنن کي خراج پيش ڪرڻ 'لاءِ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ۾ ايڪتا جا رنگ نکري پيا، سوين اجرڪ ۽ ٽوپين جي جهمر ۾ ريلي ۽ شهر جي مک چوڪ تي تقريب ،شهر جي سياسي ۽ سماجي ڌرين ايڪتا عيد ملهائي، سنڌين قومي ۽ ثقافتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

مٽياريءَ ۾ ايڪتا جا رنگ نکري پيا

سوين اجرڪ ۽ ٽوپين جي جهمر ۾ ريلي، شهرين جي شرڪت

ساجاهه وند ڌرين، صحافين، قومي ڪارڪنن، شهرين ۽ ٻين جي شرڪت

مٽياري (رپورٽر) مٽياريءَ ۾ ايڪتا جا رنگ نکري پيا، سوين اجرڪ ۽ ٽوپين جي جهمر ۾ ريلي ۽ شهر جي مک چوڪ تي تقريب، شهر جي سياسي ۽ سماجي ڌرين ايڪتا عيد ملهائي، سنڌين قومي ۽ ثقافتي گيتن تي رقص ڪيو، ملياٽي شهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور ۾ معذورن جي عالمي ڏينهن ۽ سنڌ ثقافت ڏينهن بابت تقريب

سياسي شخصيت امير حسين جتوئي، اڳوڻو تعلقي ناظم ظفر علي شيخ ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

پروگرام دوران ٻارڙن سنڌ ثقافت جي حوالي سان ٽيبلو پيش ڪيا ۽ قومي گيت پيش ڪيا ويا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) معذورن جي عالمي ڏينهن ۽ سنڌ ثقافت ڏينهن ملهائڻ جي حوالي سان گورنمينٽ ايس اي آر سي ۽ آر سي ايم ايڇ سي شڪارپور طرفان اسڪائوٽ هيڊ ڪوارٽر ۾ پروگرام جو انعقاد ڪيو ويو ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29



شڪارپور : تقريب دوران اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

نگران سرڪار کي سنڌ جون زمينون ڀڳڙن مُٺ تي ليز ڪرڻ جو ڪو حق ناهي : محمد حسين محنتي

نگران حڪومت جو ڪم صرف بروقت صاف، شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن حوالي ڪرڻ آهي

اهو فيصلو عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن فيصلو آهي، سنڌ جي زرعي زمينن تي سڀ کان اول حق هتان جي هارين جو آهي

حڪومت کي جيڪڏهن زمينون ورهائڻ جو ايترو ئي شوق آهي ته زمينون مقتدر ادارن حوالي ڪرڻ بدران هتان جي هارين کي ڏيڻيون وڃن

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي نگران صوبائي حڪومت پاران سنڌ جي قيمتي 52 هزار ايڪڙ زمين قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي ڪمپني کي ليز تي ڏيڻ جي سخت مذمت ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سامارو ۾ ثقافت ڏهاڙو
ڌام ڌوم سان ملهايو
ويو ، گيتن تي رقص

سامارو (رپورٽر) سامارو ۾ ثقافت ڏهاڙو ڌام ڌوم سان ملهايو ويو ننڍن ننڍن شهرن توڙي ٻهراڙين کان ريليون نيشنل پريس ڪلب چوڪ سامارو تي پهتيون تعلقي جي ننڍن شهرن سامارو روڊ هيرل ڪان علي نواز ڪالرو ۽ ڊاڪٽر لياقت ڪالرو جي اڳواڻي ۾ ريلي پهتي ڳوٺ ڪاروڙو خاصخيلي ڪان سارنگ خاصخيلي ۽ باغي خادر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



ڪراچي: اڳوڻو ايم اين اي محمد حسين محنتي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

مورو ۾ ٿيليسيميا جي بيمار ٻارڙن کي رت ڏيندڙن کي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ تقريب

سيد سجاد علي شاهه- سيد پير اسد علي شاهه جيلاني، سيد شفيع محمد شاهه ۽ ٻيا شامل

سرائي وشال، اويس علي سولنگي راشد مشوري ۽ ٻين کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو سنڌ سيد ويلفيئر سوسائٽي جي هيڊ آفيس تي ٿيليسيميا جي بيمار ٻارڙن کي رت ڏيندڙ بلڊ ڊونر نوجوانن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ هڪ پرقار تقريب ٿي گذري هن تقرين جو مهمان خاص مورو شهر جي مشهور ڪاروباري شخصيت سوشل ڪمن ۾ اڳڀرو رهندڙ ايڊووڪيٽ حاجي محمد اسلم امين آرائين هئا، جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نئون ديرو ۾ ايڪتا ثقافتي ڏينهن کي ڀرپور انداز ۾ ملهائڻ لاءِ ايڪتا ثقافتي ڪيمپ قائم

شاعر منظور منگي، لياقت علي ابڙو، عبدالرحمن سپڙيو، انجنيئر جاويد احمد پٽو، برڪت علي جيهو ۽ ٻين جي شرڪت

سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ عظيم ثقافتي اهڃاڻ سنڌي قوم جو شاندار تهذيبي ۽ ثقافتي ورثو آهن : اڳواڻ

هر سال سنڌ صوبي ۽ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ سميت سڄي دنيا ۾ سنڌي ثقافت جو ڏينهن ملهايو ويندو آهي

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) سنڌي ثقافتي فورم جي اڳواڻ دوستن محمد سليم چنا، راحيل عباس ڪلهوڙو، سرتاج علي شيخ عبدالسميع ۽ غلام حسين ڪوسو جي اڳواڻيءَ ۾ شهر جي صدر ڪلر چونڪ تي هرسال جيان هن سال به ايڪتا ثقافتي ڏينهن کي ڀرپور انداز ۾ ملهائڻ جي لاءِ ايڪتا ثقافتي ڪيمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي ۽ مذهبي دوستن پروفيسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر ۾ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ۽ شهيد
صحافت جان محمد مهر جي ياد ۾ ايصال
ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ سماجي اڳواڻن پاران ثقافت جي ڏهاڙي تي سنڌ ڌرتيءَ جي دلير پٽن شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ۽ شهيد صحافت جان محمد مهر جي ياد ۾ ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي، ملڪ ۽ باب الاسلام سنڌ جي لاءِ خصوصي دعائن جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سماجي اڳواڻ مولانا عبيدالله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



نئون ديرو : ثقافتي ريلي دوران ورتل فوٽو

سکر انتظاميا جي بي ڌياني، نيو ڳوٺ وارو علائقو مسئلو جو ڳڙهه بڻيل

ترقياتي ڪم سست، ڪمن ۾ ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ جو انڪشاف، اختياريون خاموش

مختلف علائقن ۾ ڊرينيج جو نظام مفلوج، شهرين ۽ علائقي واسين کي آمد و رفت ۾ پريشاني

ترقياتي ڪمن کي جلد مڪمل ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪري صورتحال بهتر ڪئي وڃي : رهواسي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر انتظاميا جي بي ڌياني، نيو ڳوٺ وارو علائقو مسئلو جو ڳڙهه بڻيل، ترقياتي ڪم سست، ڪمن ۾ ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ جو انڪشاف، مختلف علائقن ۾ ڊرينيج جو نظام مفلوج، شهرين ۽ علائقي واسين کي آمد و رفت ۾ پريشاني، شڪايتن باوجود ڪا به اطمينان بخش صورتحال ناهي، تفصيل موجب سکر انتظاميه، جونديل نمائندن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شهدادڪوٽ ۾ 3 ڊسمبر ثقافتي ڏينهن جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، جهمريون

مختلف سياسي سماجي تنظيمن ۽ اتحادن پاران ريليون، ٽوپي اجرڪ اوڍي جهمريون هڻي محبت اظهار

ايس ٽي پي، پيپلز پارٽي، نواز ليگ، شهري اتحاد، سول سوسائيٽي ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن الله داد خشڪ ۽ ٻين جي شرڪت

ريلين دوران اڳواڻن سنڌي گيتن ۽ ڍول شرنائين تي جهمريون هڻي ثقافت سان محبت اظهار ڪيو

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ به پوري سنڌ جيئان 3 ڊسمبر ثقافتي ڏينهن جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، مختلف سياسي سماجي تنظيمن ۽ اتحادن پاران الڳ الڳ ريليون ڪڍي ٽوپي اجرڪ اوڍي جهمريون هڻي محبت اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو آدم ايڪتا جي رنگن ۾
رنگجي ويو، سنڌي ويس پهري
سنڌي گيتن تي جهمريون

ٽنڊو آدم (رپورٽر) ٽنڊو آدم ايڪتا جي رنگن ۾ رنگجي ويو نوجوانن جو سنڌي ويس پهري سنڌي گيتن تي جهمريون ريليون. سياڻن قبرستان تي حاضري سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي، ڪتابي ميلو منعقد رپورٽ موجب ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش جي سڏ تي اعلائيل ايڪتا ڏهاڙو ٽنڊي آدم ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23



شهدادڪوٽ : ثقافتي تقريب دوران نوجوان رقص ڪري رهيا آهن

دادو ۾ به سنڌين جي ڪاڄ جو ڏينهن ملهايو ويو، هر پاسي ثقافت جا دلڪشش منظر

شهر جي گهٽي،چونڪ، رستن،بازارن ۾ ثقافت جا رنگ، الڳ الڳ ريليون ڪڍيون ويون، قومي گيتن تي جهمريون

سريلي راڳين،حبدار سخيراڻي،ٻالڪ سنڌي،غلام عباس چانڊيو، مصطفي بروهي، اعجاز منگي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

هزارين شهرين ٻاڻمرادو شرڪت ڪري پنهنجي ديس سان پيار جو اظهار ڪري ڌارين کي نيڪالي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پوري سنڌ جيان دادو ۾ به سنڌين جي ڪاڄ جو ڏينهن ملهايو ويو هر طرف پڙڏيهين کان پاڪ سنڌ جا نعرا گونجي پيا ثقافت جا دلڪشش منظر، معصوم ٻار،پيرسن، نوجوان،شاگرد، پورهيت،هاري، مزدورن سنڌي ميڊيا جي سڏ تي دادو شهر جي گهٽي،چونڪ، رستن،بازارن ۾ ثقافت جا رنگ، ثقافت واري ڏينهن جي مک تقريب صدر پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نئون ڪوٽ ۾ جوڳي فقيرن ثقافتي ريلي ۾ مرليون وڄائي ماڻهن کي جهومائي وڌو

ٻاويهه ميل موري کان نئون ڪوٽ پريس ڪلب تائين ثقافتي ريلي ڪڍي وئي، قومي گيتن تي جهمريون

ريلي ۾ ڪلوئي نوجوان اتحاد، سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ڪوٽ، سچوا ٿرپارڪر، عوامي تحريڪ ۽ ٻين جي شرڪت

اسان کي ايڪتا عيد جهڙو ڏينهن مليو آهي، سنڌي ثقافتي لباس پائي اسان سنڌ سان محبت جو اظهار ڪيون ٿا : اڳواڻ

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ جوڳي فقيرن ثقافتي ريلي ۾ مرليون وڄائي ماڻهن کي جهومائي وڌو، نئون ڪوٽ جي ٻاويهه ميل موري کان نئون ڪوٽ پريس ڪلب تائين ثقافتي ريلي ڪڍي وئي ثقافتي ريلي ۾ ڪلوئي نوجوان اتحاد، سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ڪوٽ، سچوا ٿرپارڪر، عوامي تحريڪ، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻن سميت ٻين شهرين پاران وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهو امن، پائيچاري،
پيار، پائيچاري، پائيچاري تي يقين رکن
ٿا : اظهر علي، ذوالفقار پنهور

ڪورنگي (رپورٽر) ڪورنگي جي علائقي ضياء ڪالوني ۾ 3 ڊسمبر تي سنڌ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان رنگا رنگ پروگرام منعقد ڪيو ويو، نوجوانن سنڌي اجرڪ ٽوپيون پهريل ۽ علائقائي راڳن تي رقص ڪيو، ان موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ اظهر علي، ذوالفقار پنهور، ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي هن چيو ته سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32



نئون ڪوٽ : ايڪتا ڏهاڙي بابت ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين ۾ هر سال جيئان هن سال به ايڪتا ڏهاڙو جوش و خروش سان ملهايو ويو

صحافتي تنظيمن جي علاوه سياسي و سماجي تنظيمن پڻ ريليون ڪڍي ايڪتا ڏهاڙو ملهايو

اڳواڻن ڊي سي چوڪ ڪان ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪيو قومي گيتن تي رقص پڻ ڪيو

نالي وارن فنڪارن استاد الهڏنو جوڻيجو، پريم پياسي، وسايو نوتيار ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ سيمڻ) دين ثقافتي رنگن سان جرڪي اٿيو سنڌ ۽ سنڌ جي ثقافت سان محبت ڪندڙ بدين واسي ثقافتي ڏهاڙي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پنهنجو قومي لباس ٽوپيون پٽڪا پائي ڪلهن ۾ اجرڪون ويڙهي مختلف علائقن شهرن ڳوٺن مان ريليون ڪڍي الله والا چوڪ تي پهچي ويا جتي دهلن ۽ شرنائن تي زبردست رقص ڪري پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 04 ڊسمبر 2023ع

ايڪتا: نئين سنڌ اڏڻ جي سفر جو ڏينهن

اڄ نه صرف ديس ۾، پر پرديس ۾ به، جتي جتي سنڌي رهن ٿا، اتي ايڪتا جو ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي. هن سال اهو ڏهاڙو "اچو ته نئين سنڌ اڏيون" جي سري سان ملهائجي رهيو آهي. سنڌ جي آڪاش تي اڄوڪو سڄ اڀري منفرد منظرن جو مشاهدو ڪري رهيو آهي. سڄي سنڌ ايڪتا جي مالا ۾ پوئجي وئي آهي. نه صرف هن ديس ۾ پر دنيا ۾ جتي جتي ڀٽائيءَ جي ٻولي ڳالهائيندڙ آباد آهن، انهن ايڪتا جي ڏينهن تي اتي نئين سنڌ آباد ڪئي آهي. ايڪتا جو ڏهاڙو پنهنجي انفرادي سڃاڻپ کي اجتماعي سڃاڻپ سان سلهاڙڻ جو ڏينهن آهي. اڄوڪو ڏينهن "جُز" کي قوم جي "ڪُل" ۾ سمائي "ڪُل" تي وحڻ جو ڏينهن آهي. سڄي سنڌ امن ۽ محبت جي گيتن تي رقصان آهي. سنڌي ماڻهو نئين سنڌ اڏڻ جي جذبي سان سرشار آهن. سنڌ پنهنجي نئين تاريخ رقم ڪرڻ وڃي رهي آهي. جدت جي تاريخ، جديد دنيا سان هم آهنگ ٿيڻ جي تاريخ، ٽيڪنالاجيءَ سان تبديلي آڻڻ جي تاريخ، سڄاڳي ۽ شعور جي تاريخ، ڌرتي ۽ ثقافت سان محبت جي اظهار جي تاريخ. ايڪتا عيد جي قومي ڏڻ جي موقعي تي اسان سنڌ واسين کي ۽ دنيا ۾ جتي جتي سنڌي آباد آهن، انهن کي واڌايون ڏيون ٿا.

اڄ سنڌي پنهنجو قومي ڏڻ ايڪتا عيد ملهائي رهيا آهن. سمورو ديس ثقافتي لباس، اجرڪ ۽ ٽوپي، توڙي نئين سنڌ اڏڻ واري عزم جي اندلني رنگن سان جرڪي رهيو آهي. هي ڏيهه "سنڌ منهنجي امان ." "جي السني آواز تي محوِ رقص آهي. 2009ع ۾ جڏهن سنڌي ثقافت تي نفرت جو وارو ڪيو ويو ته ان وار جو وقتائتو جواب ڏيندي پنهنجي ثقافت سان پيار جي اظهار ۽ ايڪتا جي مالا ۾ پوئجڻ جو جيڪو سنڌي قوم کي سڏ ڏنو ويو هو، جيڪا سڄاڳي جي لاٽ ٻاري وئي هئي، اها ٻات جي شڪست ٻڌجي سامهون اچي چڪي آهي. اڄ کان 15 سال اڳ جڏهن ڌاري ثقافتي يلغار سبب سنڌي ماڻهو ثقافتي حوالي سان احساس ڪمتري جو شڪار هئا، ثقافتي ورثي سان لاتعلقي جا لقاءُ نظر ايندا هئا، ان وقت ايڪتا جي سڏ کي ورنائي جنهن ٻڌي ۽ ايڪي جو اظهار ڪيو ويو، اڄوڪو اتحاد ۽ محبت جو پنهنجي ثقافت سان اظهار ان جو تسلسل آهي. جيڪا بي مثال ايڪتا وقت جي مورخ کي حيرت ۽ اچرج ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. اڄوڪي ڏينهن تي سنڌي ماڻهن جنهن ايڪتا جو اظهار ڪيو آهي، جهڙي نموني اهي مڙي مُٺ ٿيا آهن، تنهن مايوسين جي پربت کي پرزا ڪري ڇڏيو آهي. اسان سمجهون ٿا ته ڳالهه صرف هڪڙي ڏينهن تائين محدود نه هجڻ گهرجي. نئين سنڌ اڏڻ جو سفر اڄ کان ئي شروع ٿيڻ گهرجي، رڳو زباني ڪلامي نه پر عملي طرح.

اسان اڄ به دنيا کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ صدي پوئتي آهيون. اسان کي جديد دور سان هم آهنگ ٿيڻو پوندو. دنيا ٽيڪنالاجيءَ ۽ مصنوعي ذهانت جي ميدانن ۾ اڳتي وڌي رهي آهي. اسان کي به انهن ميدانن ۾ ڪميت کي ڪُڏائڻو پوندو. اسان کي اها حقيقت به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته نئين سنڌ ايستائين اڏجي نه سگهندي، جيستائين اسان جو تعليمي نظام جديد بنيادن تي بدل نه هوندو. پهرين ڳالهه اها ته تعليمي نصاب جديد ۽ جديد گهرجن سان ٺهڪندڙ هجي. ان جي تدريس جديد طريقن سان ٿئي، درس ۽ تدريس لاءِ تربيت يافته استاد هجن، جديد امتحاني سرشتو هجي. اسان وٽ ته ڪاپي ڪلچر سڄي تعليمي نظام کي اڌوهيءَ جيان کائي ڇڏيو آهي. حد ته اها آهي جو جڏهن ميڊيڪل ۾ داخلا لاءِ ورتل ٽيسٽ جو پيپر به پيرا آئوٽ ٿي وڃي ته تباهي جي ٻي ڪهڙي ثابتي ٿي سگهي ٿي! سنڌي ماڻهن جي طرز زندگي تبديل ڪرڻي پوندي. سنڌ جو ماڻهو هن وقت پٿرجي دور ۾ زنده آهي، جتي اڪثر علائقن ۾، خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ نه بجلي آهي، نه گئس آهي ۽ نه ئي پاڻي جي سهولت ميسر آهي. ان لاءِ بهتر گورننس خاطر جاکوڙ ڪرڻي پوندي ۽ ايندڙ چونڊن، جيڪي سوا ٻن مهينن جي مفاصلي تي آهن، تن ۾ انهن معاملن ۽ ايجنڊا تحت پنهنجي ووٽ کي مشروط ڪري ڏياءُ وجهڻو پوندو. صنفي اڻبرابريءَ خلاف جاکوڙڻو پوندو. سنڌ ۾ رتوڇاڻ ۽ بدامني جو ڪارڻ بڻيل قبيلائي راڪاسن کي اختيار ۽ اقتدار جي ايوانن کان ٻاهر رکڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي ۽ ٽيڪنالاجي دشمني وارن لاڙن جي مزاحمت ڪرڻي پوندي. تڏهن ئي نئين سنڌ اڏڻ وارو عمل ممڪن بڻجي سگهندو. اچو ته ان واٽ تي هلڻ جو وچن ڪندي اهو سفر اڄ کان ئي شروع ڪريون.

سنڌ جي ثقافت ـ هر طرف ميلا مچي ويا

وفا ولي محمد قل

ثقافت ڏهاڙو ايڪتا ۽ اتحاد يعني گڏ ٿيڻ جو ڏينهن. سنڌ جا ماڻهو ان ڏينهن تي گڏ ٿي ثابت ڪن ٿا ته اسين سڀ سنڌي گڏ آهيون. ايڪتا ڏهاڙ و ملهائڻ جي سڌ سان اسان جي ڳوٺن ۾ هٿ جي هنر ۽ دستڪاري جي پلتي پيل فن کي وڏي هٿ ملي آهي. سنڌ ڌرتي امن شانتي ۽ پيار جي ڌرتي آهي. سنڌ جي ثقافت ۽ ٻولي شروع کان وٺي امير رهي آهي. هي جيڪو ايڪتا ڏينهن ملهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي. تنهن سنڌ جي ثقافت ۽ ٻولي کي تمام ڪلي ۽ بهترين طريقي سان نروار ڪيو آهي. ان ڏينهن تي خاص ڪري پلتي پيل علائقن ۽ اتان جي سادن سباجهڙن ماروئڙن جي زندگين ۾ بهتري آڻ لاءِ جاکوڙڻ جو وچن ب ڪرڻ گهرجي.

هر سال وانگر هن سال به ڊسمبر مهيني جي پهرين آچر 3 ڊسمبر تي سڄي سنڌ ۾ ڌام ڌوم سان ملهايو پيو وڃي. منهنجي طرف سان توهان سڀني سنڌواسين کي "ايڪتا ڏهاڙو مبارڪ" دنيا جي تمام ٽوپين ۾ سنڌي ٽوپي اها واحد ٽوپي آهي جنهن کي پنهنجي اسلامي شناخت رکڻ جو شرف حاصل آهي حيرت آهي ته دنيا جي ڪنهن به مسلما ن ٽوپي پائڻ واري ۽ ٽوپي ٺاهڻ واري کي اهو خيال نه آيو ته هن ٽوپي جي اندر نماز پڙهڻ لاءِ ڪومحراب به هجڻ گهرجي. سچ پڇيو ته هي محراب نماز لاءِ نه پر نمازي لاءِ آهي ته هو قبلو رخ ڪري پنهنجي پيشاني کي زمين تي رکي ته جئين سواءِ مسلي جي ٻئي ڪا به شئي درميان ۾ نه اچي. اها ڳالهه اسان کي ان ڏانهن به اشارو ٿي ڪري ته اصل شئي ٽوپي نه اهو سر آهي جيڪو ڏکيل الله جي عبادت ڪري رهيو آهي. هر ملڪ هر قوم هر خطي جي ڪانه ڪا شناختي ٽوپي ضرور هوندي آهي. پر گهڻن ماڻهن جي ته شناخت ئي ٽوپي ٿي وئي آهي. مثال طور قائداعظم . جواهر لال نهرو . بابائي سياست نوابزاده نصرالله خان مرحوم قائداعظم جي ٽوپي جو نالوئي جناح ڪيپ پئجي ويو. نهرو جي دوپلي ٽوپي هاڻي به ڪڏهن ڪڏهن ڀارت جي سياستدانن جي مٿي تي پهريل نظر ايندي آهي. ترڪي ٽوپي ته هاڻي ترڪي ۾ به پهريل نظر نه ايندي آهي مگر جيڪڏهن ڪنهن کي ڏيکاڻي هجي ته نوابزاده جو فوٽو ڏيکاريو ويندوآهي. اهي ٽوپيون انهن بزرگن جو شعار هيون جيڪي ماڻهو وقت آهر پنهنجون ٽوپيون مٽائيندا رهندا آهن بلڪ ڪڏهن پائيندا ۽ ڪڏهن لاهيندا رهندا آهن انهن جي پلاچا ڪا سڃاڻپ هوندي . انگريزي فوج جڏهن هن برصغير ۾ آئي ته پنهنجي اها شناخت واري ٽوپي پائي آئي جيڪا اڄ ڪلهه ملڪ برطانيه جي محافظن جي سر ۽ بجا طور ته انهن جون اکيون ڍڪڻ جي ڪم ايندي آهي . نادرشاه دراني جي فوج به سرخ پوش رهنما خان عبد الغفارخان وانگي ڳاڙهي ٽوپي پائي دهلي جي مٿان چڙهائي ڪئي هئي . اهو نادر شاه دراني جنهن لاءِ ڪنهن حق پرست فارسي شاعر چيو آهي. شامت اعمال ما صورت نادر گرفت اڄ جي دور ۾ به اسان جي شامت اعمال ٽوپي پائي نادر نه سهي ناٽو هي سهي سو ٽوپي پائڻ وارا اڄ ڪلهه ماڻهن جي قتلام جو ڪم عراق ڪانپوءِ افغانستان،پاڪستان ۾ ڪري رهيا آهن .افغانستان ۾ قاتلن جا پوءِ لڳ حڪمران به قراقلي ٽوپي ۽ چغا پائي نيٽو جي نيلي ٽوپي پاتل فوج جي پناه ۾ زندگي گذاري رهيا آهن. هرطرف ثقافت جي آڙ ۾ ثقافت کي ئي تبديل ڪيو پيو وڃي. ثقافت ته اسانجي کي به تبديل ڪيو پيو وڃي . هاڻي ڪلهه ئي جي ته ڳالهه آهي ته اسانجي سنڌ ۾ ڪشمور کان وٺي ڪراچي تائين يوم ثقافت وڏي ڌوم ڌهام سان ملهايو پيو وڃي چوڻ وارن چيو ته هي ڏينهن سنڌ جي ثقافت ٽوپي ۽ اجرڪ جي حرمت جو ڏينهن طور ملهايون پيا پر هي ڏينهن مناڻ وارن کي مذڪوره تنهي شين يعني سنڌ جي ثقافت . ٽوپي ، اجرڪ جي حرمت سان ڪا خاص دلچسپي نه هئي هلا گلا رنگ رليون منائڻ وارن جي سر تي نه ٽوپي هئي نه ڪلهن تي اجرڪ نه انهن جي حرڪتن مان ڪا سنڌ جي ثقافت نظر اچي رهي هئي. اخبارن ۾ جيڪي تصويرون شائع ٿيون انهن ۾ صرف اسانجي سنڌي پيرن سنڌي نياڻين جون مردن سان گڏ نچڻ واريون تصويرون هنيون . سنڌ جي بالغ نياڻين کي روڊن رستن تي اچڻ نه گهرجي ته بهتر آهي سنڌهي اجرڪ به وڏي ڪم واري شئي آهي هي نه صرف اسانجي سنڌي نياڻين جو پردو آهي پر هي مردن لاءِ به وڏي ڪم واري شئي آهي وضو ڪندا آهن ته انهي سان ئي پنهجي منهن کي صاف ڪندا آهن . مسلو جيڪڏهن نه ملي ته انهي کي وڇائي پنهنجي پوردگار جي عبادت ڪندا آهن . جيڪڏهن تتي لو هلي ته انهي کي آلو ڪري لون گرمي کان بچندا آهن . جيڪڏهن مٽي جو ڪو طوفان اچي وڃي ته اها اجرڪ ماسڪ جو ڪم به ڪندي آهي . جيڪڏهن سفر ڪندي ٿڪجي پيا آهيو ته ڪنهن وڻ جي هيٺيان سمهي اجرڪ مٿان وڇهي خوب گهوگهرا ٿا هڻي ننڊ ڪيو . جيڪڏهن ڪارڪن جي باغ ۾ ڪم ڪري رهيا آهيو ته گهران آيل ماني جي لاءِ اجرڪ کي وڇائي دستر خوان ناهي ونو . سردي ۾ اها اجرڪ لوئي جو ڪم ڏيندي . گرماگرم چانهه جي پيالي کي پڪڙڻو هجي ته اتي به اجرڪ ڪم ايندي آهي . گهر آيل مهمان کي جيڪڏهن موڙي تي وهاڻو هجي ته ان اجرڪ سان موڙي جي صفائي جو ڪم ڪيو ويندو آهي پر هاڻي اها اجرڪ نچڻ ۽ نچائڻ جي لاءِ استعمال ڪئي پئي وڃي. ماضي ۾ حيدرآباد ڪان جيڪي رپوٽون اماڻيون هيون ان مطابق ترانو جئي سنڌ جئي. جيئن سنڌي ٽوپي اجرڪ وارا ان ترانې تي نچڻ وارا مڙس ماڻهو ۽ عورتون جنهن ۾ قوم پرست جماعتن جا ڪارڪن به شامل هيا جن پنهنجي هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا به ڪنيل هيا انهن کي نچڻ کان منع ڪرڻ وارا پوڙها جن کي مجال نه هئي جو هن ماحول ۾ منع ڪري سگهن. جيڪڏهن اهي بزرگ روڪن پيا ته هي جوش جذبات ۾ وڏيڪ تيزي سان نچڻ لڳندا هيا ۽ چوندا هيا ته چاچا اسان کي روڪين چو ٿو اڄ نچڻ ڏي

. ۽ جڏهن هو چوندا هيا ته . پڻ اسانجي ثقافت ته شاه عبداللطيف ڀٽائي ، سچل سرمست ۽ ٻين صوفيا ڪرام جي ثقافت آهي هن ڌرتي رهڻ وارن سنڌهي مسلمانن جي ثقافت ته همدردي ، مهمان نوازي ، ڀائيچارو ، خوش اخلاقي آهي آخر اهو ڪير آهي جيڪو صدين ڪان هلندڙ ثقافت اسانجي روايات کي ناچ ڳاني ۽ بي حيائي جي ڪمن ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي آخر اهو ڪير آهي جنهن اسانجي نياڻين جي سر ڪان اجرڪ اسانجي نوجوانن جي سر ڪان ٽوپي کي لاهي ڏيکاري. .سنڌي اجرڪ ٽوپي ڏهاڙو ملهائڻ وقت اسان انشاء الله وچن ڪنداسين ته اسان سنڌ ڌرتي تي امن سڪون سلامتي لاءِ پاڻ پتوڙينداسين اسان جي وارثي تڏهن ٿيندي جڏهن اسان پلايي امن سلامتي جو آغاز پنهنجي پاڙي کان ڪنداسين ٻن وڙهيلن جو ٺاهه ڪرائينداسين ماڻهن کي جهيڙن نفرتن جي نقصان کان آگاهه ڪنداسين ڪين ٻڌي سان رهڻ سان گڏ ذات پرستي کان بلند ٿي سڄي سنڌ جي مارويڙن جيڪي گهر ۾ سنڌي اردو پنجابي پشتو يا ڪا ٻي ٻولي ڳالهايين ٿا تن کي پنهنجو يا سمجهنداسين علم عام ڪري ماڻهن جي دلين مان خوف رنجش مفاد پرستي ختم ڪنداسين ٽوپي اجرڪ مهماننوازي سنڌجي اولين ثقافت آهي شادي خوشي ۾ ٽوپي اجرڪ اسانجو سرمايو سونهن بڻيل هوندو آهي گهرم نياڻي لاءِ جهڙي طرح چادر اهم هوندي آهي اهڙي طرح مردن نوجوانن معصوم ٻارن لاءِ اسان جي هيءَ اهم اجرڪ ٽوپي سونهن سوڀيا آهن جيڪا 5هزار سال پراڻي تهذيب برقرار آهي ڪوبه سنڌ دشمن ملڪ دشمن اسانجي ثقافت خلاف اگر بڪواز ڪندو يا نافرماني ڪندو ته اسان سنڌي سنڌجا حڪمران

به گڏجي ان سنڌ دشمن خلاف ڀرپور مزاحمتي جنگ ڪنداسين آخرم الله پاڪ در دعا آهي ته اسانجي سنڌ جي هن سونهن سوڀيا جهڙي ثقافت کي ڪو ڪوسوواءِ نه لڳي ۽ هيءَ سنڌ جي ثقافت تاقيامت شاد آباد ۽ سهڻي نموني جوش ۽ جذبي سان هميشه زنده رهي (آمين)

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
چُلُ، وڃائي چاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

ڌرتي ۽ ٻوليءَ سان وفا جو ڏينهن

قاسم خاصخيلي

دنيا جي ڪنهن به خطي جي ڌرتي تي رهندڙ ماڻهن جي وڏي سڃاڻپ ان جي ٻولي رهڻي ڪهڻي ان جو ڪلچر ۽ ثقافت ٿيندي آهي. دنيا جي گولي تي ٻين سوين ملڪن ٻولين ۽ ثقافتن ۾ پاڪستان جي ثقافت جا رنگ الڳ ٿلڳ نظر اچن ٿا پر پاڪستان جي صوبي سنڌ جي تهذيب روايت ۽ ثقافت جي ڳالهه ئي نرالي ليکي وڃي ٿي. سنڌ کان ٻاهر جنهن به صوبي يا دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ جتي جتي به سنڌي قوم رهي ٿي ان جي اٿڻي ويهڻي رهڻي ڪهڻي بلڪل مختلف بلڪ منفرد هوندي آهي.

سهڻا ماڻهو پيا به هزار،
سنڌي ماڻهو پٽرا لکن ۾،
ٽوپي اجرڪ پٽڪو ڪهاڙي
آهي سنڌين جي سڃاڻپ يار

دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ تي نظر ڦيرائينداسين ته سنڌ جو سنڌي ماڻهو ان جو لباس ٽوپي اجرڪ پٽڪو توڙي مٺي ٻولي هزارن لکن ۾ الڳ نظر ايندا آهن. سنڌي ماڻهوءَ جي محبت سنڌي ماڻهو جي مهمان نوازي جي هر هنڌ هاڪ هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو دشمن به هوندو آهي ته اهو به سنڌ جي مهمان نوازي جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي ناهي سگهندو. سنڌي قوم جيڪا لڳ ڀڳ هن ڌرتي تي پنج هزار سالن کان آباد اها قوم آهي جيڪا نه رڳو مذهبي رواداري جي امين رهندي آئي آهي پر سياسي سماجي ادبي لحاظ سميت ٻين ٻولين سان پيار رکندڙ ٻين جي ثقافت تمدن جو احترام ڪندڙ سان گڏ هر ڪنهن کي جيءَ ۾ جايون ڏيڻ واري شايد دنيا جي واحد قوم آهي هن قوم جو قربانيون به هر هنڌ نمايان نظر اچن ٿيون.

هن قوم جي وڏي خاصيت يا مثبت ڳالهه اها به ليکي وڃي ٿي ته سنڌين پنهنجي سنڌ ڌرتي تي لڏي آيل لکين ڌارين کي نه رڳو پناه ڏني پر پنهنجا گهر جائداون، ٻنيون ۽ انهن کي دل ۾ جايون ڏئي سدائين سنڌ ۾ آباد ڪري خوش ٿي آهي پر رنج نه ٿي آهي. سنڌي قوم ۽ سنڌ جي اها بدقسمتي چئبي جو هن ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين سان سدائين انهن ئي ماڻهن دشمنيون رکيون آهن جن کي سدائين جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن جن جا ڀيانڪ منظر وقت بوقت سنڌ ۾ اهڙا ڏسڻ ۽ ميڊيا وسيلي ٻڌڻ لاءِ به ملن ٿا. سنڌ جي سياسي سماجي ۽ جاگرافيائي تبديلين ۾ ٻاهران آيل ماڻهو گهڻو ڪري حاوي ٿي سنڌين کي سياسي حربن وسيلي پاڻ ۾ ويڙهائيندا به رهيا آهن ۽ نتيجي ۾ سنڌ جي تاريخي ورثي کي وڏو نقصان ٿيندو رهيو آهي سنڌي ماڻهن کي ذاتين ۽ برادرين جي نالي ويڙهائي هزارين نوجوان اسان کان کسيا ويا آهن ان کان علاوه سياسي چالبازين وسيلي ٻڻ هڪ ٻئي ۾ نفرتن جو ٻج ڇٽيو ويو آهي ۽ سون تي سهاڳو اهو به آهي ته سنڌ جهڙي امن پيار واري ڌرتي جيڪا صوفين جي سرزمين ٻڻ سڏجي ٿي ان تي دهشتگردي مذهبي انتها پسندي ۽ قوميت جا زهريلا ٻج ٻڻ ڇٽيا ويا جنهن ڪري سنڌي قوم جي عالمي سطح تي بدنامي سان گڏ پنهنجي ڌرتي تي سنڌن رهڻ ٻڻ ڏکيو بڻائڻ جون ڪوششون وقت مفاد پرستن پاران جاري رهنديون اچن پيون.

سنڌ ڌرتي جيڪا ڪالهه تائين امن واري ۽ صوفين جي ڌرتي طور ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ مشهور هئي اتي مختلف طريقن سان نفرت جا ڇٽيل ٻج وڏي وڻ ٿيڻ لڳا آهن ۽ اڪثر ڪري هاڻ هتي ڪڏهن ڌاڙيلن جي روپ ۾ ڪڏهن دهشتگردن جي روپ ۾ ڪڏهن مذهبي جنونيت جي آڙ ۾ ته وري ڪڏهن لسانيت ۽ ذاتيات جي بنياد تي بارود جي بوءِ محسوس ٿيندي رهي ٿي جنهن کي سنڌ جي اصلوڪن ۽ سنڌ جي سڄڻن کي هاڻ گڏجي ختم ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ڇو ته سنڌ ڌرتي اها ڌرتي آهي جتي صبح جي سج نڪرڻ کان اڳ پرهه ڦٽي سان ئي سنڌ جون امڙيون ۽ نياڻيون ڏڌ ولوڙي مکڻ ڇاڻا ناهي پيار ڀرين لولين سان الله جي ثنا ڪندي نظر اينديون آهن. جتي ٻارڙا ٻاتڙيون ٻوليون ٻولي هڪ ٻئي سان راند ڪيندا آهن. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ مال جا ڇيڙا پنهنجي مڌر آواز سان گونجندا آهن جن تي قدرت به مهربان نظر ايندي آهي جتي درد ونڊن جو خيال رکيو ويندو آهي ۽ ساٿوڻ رت ۾ هڪ ٻئي جا ساٿي ٿي سنڌي ماڻهو هڪ ٻئي جا پرجهلا ٿي بيهندا آهن جتي نياڻين کي ست قرآن سمجهي انهن جي مٿي تي پوتي پارائي ويندي آهي. جتي جا ٻڍڙا راتين جون راتيون اوطاقن ۾ نئين نسل جي پيار ۽ محبتون ونڊڻ لاءِ ذهني آبياري ڪندا رهندا آهن.

سنڌ ڌرتي دنيا جي اها عظيم ڌرتي آهي جتي لطيف سچل سرمست ۽ بلها شاهه کي هڪ نظر سان ڏٺو ويندو آهي، جتي ٽهڪ مرڪون عيدون ميلا ملاکڙا هو جمالا ۽ ڏک هڪ ٻئي سان گڏ ونڊيا ويندا آهن. سنڌ اها ڌرتي آهي جتي نفرت کي ڪير سڃاڻندو ئي ناهي. هر طرف محبتون پيار ۽ پنهنجائپ هوندي آهي لسي، مکڻ، ڪير، ساڳ، ماکي، ٻاجهري، جوئر جي ماني، پٽڙويت ۽ ٻيون شيون لکي ڪاڻ ۽ ڪپائڻ بدران هڪ ٻئي کي سوکڙيون ڪري ڏنا ويندا آهن اڄ اها سنڌ الائي ڪٿي گم ٿي ويل محسوس ٿئي ٿي. جنهن جي سيند سدائين سنڌو جي تار وهڻ سبب سدائين سائي رهندي هئي اها اجڙيل اجڙيل آهي وکريل وکريل آهي پر هن پيار امن واري ڌرتي تي جن کي جيءَ ۾ جايون ڏني رهايو ويو. جن لاءِ ٻانهن جا هار ناهي سينا کولي آڌرڀاءُ ڪري دلين ۾ جايون ڏني هتي رهايو ويو. انهن سميت ڪجهه سياسي شطرنج جي راندين ۽ نفرت ڦهلائيندڙ ڪجهه ڪڌن ڪردارن سبب اها سنڌ هاڻ سڏڪن ۾ آهي. اها سنڌ روئي وري پنهنجي ٻچڙن کي پڪاري رهي آهي ته ڪو هوشو اچي ڪو دودو اچي ڪو مخدوم بلاول اچي ۽ امن پيار محبت لاءِ ڪا جنگ جوٽي ته جيئن وري اها سنڌ ڌرتي ساڳي اوج، ساڳيو پيار، ساڳيون رونقون موٽائي ڏئي ته جيئن وري اها سنڌ ساڳي طرح جي پوي. هن ڌرتي جي ثقافت ٻولي ۽ ڪلچر کي بچائڻ لاءِ دنيا ۾ ان کي ساڳي حيثيت ۾ نروار ڪرڻ لاءِ پاڻ کي سنڌ جو سڄو پٽ ثابت ڪرڻو پوندو ۽ پنهنجي ڌرتي ۽ ٻولي سان هن ڏينهن تي وفا جو وچن ڪرڻو پوندو ۽ نفرتن جي نوڙ کي توڙي پور ڪرڻو پوندو ته جيئن ساڳيا گيت ساڳيا ميل ملاکڙا ۽ ساڳيون بهارون ساڳي سنڌ وري ڏسي سگهجي.

بقايا 01 ***

علاوه اسرائيلي فورسز جون خان يونس جي علائقي ۾ به ڇاپا مار ڪارروايون جاري آهن ۽ تازين ڪارروائين ۾ اسرائيلي فورسز هڪ گهر تي ڇاپو هڻي 7 فلسطينين کي شهيد ڪري ڇڏيو خان يونس ۾ قطري تعاون سان تعمير ٿيندڙ حمد سٽي جي تباهي جا ڊيجاريندڙ منظر ڏسڻ ۾ آيا. ترڪ ٽي وي جو صحافي ربا خالد لائيو ڪوريج دوران پنهنجو گهر تباهه ٿيندي لڙڪ لاڙي ويٺو. هوڏانهن اسرائيلي فورسز مسجد اقصيٰ جي شيخ عڪرمہ جي گهر تي به ڇاپو هنيو شيخ عڪرمہ صابري والاريل بيت المقدس ۾ سپريم اسلامي ڪونسل جو سربراهه ۽ فلسطيني عالمن ۽ مبلغين جي انجمن جو باني ۽ صدر به آهي. حماس چيو آهي ته غزه ۾ اسرائيلي فوجن جي اجتماع کي نشانو بنايو ويو آهي. فلسطيني تنظيم طرفان اسرائيلي فورسز ۽ گاڏين کي نشانو بنائڻ جون وڊيوز به جاري ڪيون ويون آهن صحت جي عالمي اداري جي سربراهه ٽيڊروس ايڊبانوم غزه جي اسپتالن جي صورتحال کي برداشت نه ڪرڻ جوڳو قرار ڏيندي چيو ته ڏکڻ غزه ۾ نصر اسپتال جون حالتون ناقص کان به بدتر آهن. اسپتال ۾ گنجائش کان تمام گهڻا وڌيڪ مريض موجود آهن. مريضن جو علاج زمين تي ڪيو پيو وڃي ۽ مريض تڪليفن سبب رڙيون ڪري رهيا آهن عرب ميڊيا موجب غزه ۾ اسرائيلي جارحيت هزارين ٻارن جو ننڍپڻ ڦري ورتو آهي. غزه جي پٽي تي اسرائيلي بمباري سبب ڪنهن هنڌ تي ٻارن کان والدين ته ڪٿي والدين ٻارن کان وڇڙي ويا آهن. غزه ۾ اسرائيلي بمباري کان پوءِ ملبي مان ريسڪيو ڪيل زخمي ٻاڙن ۽ ٻينرن جون وڊيوز به سامهون آيون آهن جنهن ۾ زخمي ٻيڻ ٻائر پنهنجي خاندان جي خيريت جي باري ۾ پڇي رهيا آهن پر ٻاڙن وٽ ٻينرن جي سوالن جو ڪوبه جواب نه آهي. غزه ۾ سرڪاري ميڊيا آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل عرب ميڊيا سان ڳالهين دوران چيو ته 24 ڪلاڪن دوران اسرائيلي حملن ۾ 700 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن. غزه جي سرڪاري اهلڪار موجب اسرائيلي بمباري سبب غزه پٽي ۾ هينئر تائين 15 لک کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿي چڪا آهن جڏهن ته عرب ميڊيا جي رپورٽن موجب 7 آڪٽوبر کان هينئر تائين شهيد فلسطينين جو انگ 16 هزار کان وڌي ويو آهي.

بقايا 02 ***

چوڪ کان ريلي جي صورت ۾ گهنٽا گهر چوڪ لاءِ نڪري پيا،نوابشاهه، ميرپور ساڪرو، ڏهرڪي، نئون ڪوٽ، ميرپور ماٿيلو واهي پاندي، چاچرو، ڦمبر، وارهه، ڊورو نارو ۽ ٻين شهرن ۾ به ايڪتا جا رنگ جرڪي پيا، باڄهه، پٽ شاهه، ڪوٽڙي ۽ ٻين شهرن ۾ به سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پهري ماڻهو رستن تي نڪري آيا، سنڌي گيتن تي جهمريون، بدين ۾ اجرڪ جو 40 فوٽ جهنڊو ڦڙڪايو ويو. ايڪتا ڏهاڙي جي خوشي ۾ مٺايون به ورهايون ويون سنڌ جي ٻئي نمبر وڏي شهر حيدرآباد ۾ ايڪتا عيد جون تياريون مڪمل، اڄ ڌرتي ڏٽي جوش ۽ جذبي سان قومي عيد ملهائيندا. شهباز پل وٽ قائم خانگي اسڪول ڪائونٽي ڪيمبرج، قاسم آباد جي گل عرسائي اسڪول ۽ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول صحافي ڪالوني ۾ ايڪتا جون ڌار ڌار تقريبون منعقد ڪيون ويون.تقريب ۾ ۾ شاگرد ۽ شاگرديائين شاندار ٽيبلوز پيش ڪري پاڻ ملهايو.جڏهن ته تقريبن دوران ثقافتي شين جا اسٽال به لڳايا ويا. ڪائونٽي ڪيمبرج اسڪول ۾ منعقد ايڪتا تقريب دوران غير رسمي شادي جي تقريب به منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ جوڪرين پرفارمز ڪيو اهڙي ريت اسڪول ۾ ثقافتي ڳوٺ ۽ ثقافتي اوطاق قائم ڪري نچ ٻهراڙي جي ڪلچر جو نماءُ ڪيو ويو تقريب ۾ پرت پريل ڪپڙا، رَليون، چنريون، گج، ٽوپيون، اجرڪون ۽ ٻيون شيون به نمائش لاءِ رکيون ويون هيون. اسڪولن ۾ ٿيل تقريبن دوران شاگرديائين قومي گيتن تي رقص ڪيو جڏهن ته سنڌ جو جمالو تي استاد ۽ ماسترياڻيون به جهمريون هڻندا رهيا. تقريبن بابت استاد ۽ ماسترياڻين چيو ته سنڌ جي شاهوڪار ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ انهن تقريبون منعقد ڪيون، جنهن ۾ شاگرد اجرڪ ۽ ٽوپيون پهري شريڪ ٿيا آهن

بقايا 03 ***

جاري رکنداسين نيتن ياهو وڌيڪ چيو ته اسان ڊيل تائين پهچڻ لاءِ ڳالهين جا ڪيترائي دور ڪيا پر هاڻ اسان ڳالهين ڪندڙن کي قطر مان واپس گهرائي ورتو آهي. هوڏانهن حماس اعلان ڪيو ته غزه ۾ جنگ جي خاتمي تائين اسرائيل کان وڌيڪ قيدين جي ڏي وٺ نه ٿيندي. حماس جي نائب سربراهه صالح العروري پرڏيهي خبرو اداري کي انٽرويو ڏيندي ٻڌايو ته اسان وٽ اسرائيلي يرغمالين ۾ هاڻ عورتون ۽ ٻار نه آهن صرف فوجي يا فوج ۾ ڪم ڪندڙ سويلين آهن. هن چيو ته اسان پنهنجي شهيدن جي بدلي ۾ مارجي ويل اسرائيلين جي لاشن جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پر اسان کي انهن لاشن کي ڪڍڻ جي لاءِ وقت گهرجي.

بقايا 04 ***

جنهن ۾ پاڪستان 2023 کان 2027 جي مدي لاءِ يونيسڪو جي ايگزيڪيوٽو بورڊ طور ٻيهر چونڊجي ويو 15 نومبر 2023 تي ٿيندڙ چونڊن ۾ پاڪستان سڀ کان وڌيڪ 154 ووٽ حاصل ڪيا هئا. ان ڪانسواءِ پاڪستان يونيسڪو ايگزيڪيوٽو بورڊ جي وائيس چيئرمين شپ لاءِ ڀارت کي شڪست ڏني. وائيس چيئرمين لاءِ 58 رڪني ايگزيڪيوٽو بورڊ مان پاڪستان 38 ۽ ڀارت 18 ووٽ حاصل ڪيا. اها ڪاميابي ملڪ لاءِ فخر جوڳي آهي، چو ته اها عالمي سطح تي وڏي ڪاميابي آهي. پاڪستان وٽ 2023 کان 2025 تائين يونيسڪو ايگزيڪيوٽو بورڊ جي وائيس چيئرمين شپ رهندي. يونيسڪو ايگزيڪيوٽو بورڊ تنظيم جي پاليسين ۽ پروگرامن جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي.

بقايا 05 ***

پيپلز پارٽي جي چيئرمين پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته سنڌ جي سدا بهار ثقافت دنيا جي قديم ترين ۽ خوبصورت تهذيبن مان هڪ آهي، جنهن جو مرڪز موهن جو دڙو آهي. هن چيو ته سنڌ جا ماڻهو تاريخي طور پر امن، رواداري پسند ۽ محب وطن هجڻ سان گڏوگڏ فن ۽ فطرت سان محبت ڪندڙ رهيا آهن. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته گهڻ ثقافت اسان جي معاشري جو حسن ۽ دنيا لاءِ اسان جي قومي ايڪتا جو بي مثال نمونو آهي. بامقصد ثقافتي سرگرميون سماج ۾ نفرت، تقسيم ۽ انتهاپسندي لاءِ زهر آهي، جڏهن ته رواداري ۽ سماجي هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ امرت آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي سمورين ثقافتن کي برابري واري اهميت ۽ درجو ڏيڻ ۾ يقين رکي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته پنهنجي قابل فخر قديم تهذيب ۽ خوبصورت ثقافت کي عالمي سطح تي اجاگر ڪري دنيا ۾ پاڪستان جو مثبت چهرو پيش ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جو منشور آهي.

بقايا 06 ***

ڪرڻ اسان جو فرض هوندو جي يو آءِ(ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان خطاب ڪندي چيو ته ملڪ سجاد کي پارٽي ۾ شموليت تي ڀليڪار چوان ٿو منهنجي زندگي جي تعمير ۾ هن علائقي جو اهم ڪردار آهي، مان شوگر جو مريض آهيان پر انب کائڻ لاءِ هتي ئي ايندو آهيان. مولانا فضل الرحمان چيو ته جمعيت علماءِ اسلام جي يوم تاسيس ۾ ڪنهن هڪ ملڪ جي عالم نه پر برصغير جي سمورن مڪتب فڪر جي عالمن شرڪت ڪئي اسان سياست ڪئي آهي، ديني ۽ مذهبي روين کي برقرار رکيو آهي، اسان اهڙن روين کي اپنايو جنهن ۾ فرقہ واريت جي گنجائش موجود نه هئي. جي يو آءِ جي سربراهه چيو ته اختلافن ۾ نرمي ۽ شدت پيدا ڪرڻ انسان جي پنهنجي اختيار ۾ آهي اسان کي پنهنجن اختلافن ۾ نرمي کي هٿي ڏيڻ گهرجي، شدت کي نه. عوام سان اسان جو تعلق سماجي هجڻ گهرجي. مولانا فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته حق جي ڳالهه بهترين لهجي مان به ٿي سگهي ٿي. الله ماڻهن کي دعوت ڏيڻ جو طريقو سيکاريندو آهي. جمعيت علماءِ اسلام هڪ سياسي طاقت آهي. اسلام جي خلاف ڪوبه فتنو بيهي ٿو ته مقابلو ڪرڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي.

بقايا 07 ***

چيو آهي ته اڄ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي تي سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو سنڌ جي ثقافت، تهذيب تمدن ۽ روايتن جي محافظ آهي، سنڌ تصوف جي ڌرتي آهي، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، لعل شهباز قلندر، سچل سرمست، عبدالله شاهه غازي، مقبول باقر جهڙن عظيم صوفين جي ڌرتي آهي،سنڌي ثقافت ۾ مهمان نوازي، رواداري ۽ اخلاق ۽ پيار سڀ کان وڌيڪ آهي، اجرڪ جي رنگن وانگر سنڌ جي ثقافت جو به دلڪش ميلاپ آهي، اڄ نسل پرستي، انتهاپسندي ۽ هر قسم جي تعصب خلاف محبت جو درس ڏئي ٿو

بقايا 08 ***

ته مان سنڌ سميت سموري دنيا ۾ رهندڙ سمورن سنڌين کي قومي عيد جون مبارڪون پيش ڪريان ٿي.سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙي تي پنهنجو بيان جاري ڪندي سسئي پليجو چيو ته سنڌي قوم ڪيترن ئي هزار سالن کان وڌيڪ قديم ۽ شاهوڪار ثقافت ۽ تهذيب رکي ٿي سنڌ واسين هتي ايندڙ هر ڪنهن کي ٻنا رنگ نسل ٻولي ۽ مذهبي تفريق مهمان نواز هجڻ جو ثبوت ڏيندي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. سسئي پليجو چيو ته سنڌ ۾ رهندڙ کهڙي به ٻولي ڳالهائيندڙ هجن انهن کي به سنڌ ڌرتي کي پنهنجي ماءُ سمجهڻ گهرجي هن چيو ته اڄ قومي عيد آهي اسان سنڌ واسين کي پنهنجي قومي ڏينهن جون ڪوڙ سارين مبارڪون هجن.

بقايا 09 ***

محبت ۽ رواداري جو خطو آهي،هن چيو ته سنڌ جي سڃاڻپ مهمان نوازي آهي جيڪا سدائين برقرار رهندي

بقايا 10 ***

خطاب ڪندي رفعت مختار راجا چيو ته پوليس يونيفارم پائڻ سان به خدمت ڪندا آهيون، ٽوپي پائي به خدمت ڪندا آهيون. هن چيو ته اسان کي هن ٽوپي ۽ پڳهار تي يقين رکڻو آهي. اسان پيار ۽ عزت وارا آهيون. الله اسان کي عوام جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي. آءِ جي سنڌ جو چوڻ آهي ته ٽوپي ۽ ٻيج امن ۽ محبت جي علامت آهن. مان سنڌ پوليس جي آفيسر، جوانن ۽ سنڌ جي عوام کي سنڌي ثقافت جي ڏهاڙي تي مبارڪباد ڏيان ٿو رفعت مختيار راجا چيو ته سنڌ زندگي ڏئي، جيئڻ جو نالو سنڌ. سنڌ زندگي آهي هن جو اهو به چوڻ آهي ته اڄڪلهه اجرڪ ٽوپي جي نالي سان منسوب ڪئي وئي آهي، اجرڪ ۽ ٽوپي سنڌ جي سڃاڻپ آهن

بقايا 11 ***

فوت ٿي ويو پوليس موجب ڪانسٽيبل محمد رياض ڏاڪڻيون چڙهي رهيو هو ته چڪراجڻ تي ڪِري پيو ڪيس مٿي ۾ ڏڪ لڳو ۽ ٽڏي تي فوت ٿي ويو پوليس ٻڌايو ته لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال نيو ويو، فوتي اهلڪار جو واسطو واهه ڪينٽ سان آهي.

بقايا 12 ***

پختونخواهه ۽ بلوچستان جا ڪامياب دورا ڪيا. پيپلز پارٽي جو بلوچستان ۾ تاريخي جلسو ٿيو پيپلز پارٽي اهي ڪم ڪيا جيڪي پوري پاڪستان ۾ ڪير به نه ڪري سگهيو هن چيو ته سي پيڪ جي بنياد رکندڙ آصف زرداري آهي. ڪالهه(ن) ليگ جي ميمبرن کي ياد آيو ته اسان لاهور ٺاهيو اوهان وزيراعظم جي عهدي تي ويٺل هوا هو ٻڌايو اوهان پاڪستان لاءِ ڇا ڪيو؟شرجيل ميمڻ چيو ته پيپلز پارٽي جي قيادت علاج لاءِ ملڪ کان ٻاهر نه ويندي آهي. (ن) ليگ جي قيادت ڪڏهن به پاڪستان ۾ ڪوبه سرڪاري اسپتال نه ٺاهيو آهي؟ پيپلز پارٽي ميرٽ تي پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهي ٿي، پ پ اڳواڻ چيو ته ڪراچي ۾ ملڪ جون بهترين طبي سهولتون موجود آهن. صحت آهي ته سڀ ڪجهه آهي. روڊ ۽ فلاءِ اوور صحت کان پوءِ ايندا آهن هن چيو ته پاڪستان ۾ پهريون پيرو اليڪٽرڪ بس سروس پيپلز پارٽي شروع ڪئي. (ن) ليگ جا دوست ٻڌائين ته انهن هيلٿ جي شعبي لاءِ ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟ پ پ جو جهيڙو لسانيت جي سياست جي خلاف آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ ٿر مان ڪوئلو ڪڍيو ويو (ن) ليگ ٿرمان ڪوئلو ڪڍڻ جو ڪريڊٽ به پاڻ کنيو ڪوئلي جا ذخيرا ايترا آهن جو 200 سال تائين ايڪسپورٽ ڪري سگهون ٿا. پيپلز پارٽي غريبن جي پارٽي آهي. پارٽي کي عوام جي مسئلن جي چڱي ريت خبر آهي شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ ٻوڏ سبب 21 لک گهر تباهه ٿيا، سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرين لاءِ گهر ٺاهڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. پيپلز پارٽي روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جي نعري تي عمل ڪري رهي آهي. ان کان وڌيڪ ٻئي ڪا عوام جي خدمت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. هن چيو ته بي ٽي آءِ ملڪ کي تاريخي نقصان پهچايو بي ٽي آءِ پاڪستان کي تباهه ڪرڻ جي ڪابه ڪسر ناهي ڇڏي. ايس آئي يو ٽي ۾ ايران مان ماڻهو علاج لاءِ ايندا آهن. پيپلز پارٽي وٽ ملڪ جي سمورن مسئلن جو حل موجود آهي.

بقايا 13 ***

موجب گلالئي اسماعيل جو نالو 7 جون 2019 کان ٽيرر فنانسنگ جي الزام ۾ فهرست ۾ شامل آهي. آمريڪا ۾ پاڻمرادو جلاوطني اختيار ڪندڙ گلالئي اسماعيل تي شدت پسندن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ جو الزام آهي. گلالئي اسماعيل خلاف دهشتگردي روڪ قانون تحت قلم داخل آهن. خيبر پختونخواهه جي دهشتگردي ٽوڙ کاتي دهشتگردي ۾ ملوث 50 کان وڌيڪ عورتن جي فهرست جاري ڪئي هئي. ان تي ردعمل ڏيندي گلالئي اسماعيل چيو ته منهنجو نالو دهشتگردن جي فهرست ۾ شامل ڪري سي ٽي ڊي پنهنجو مذاق اڏايو آهي.

بقايا 14 ***

اسان جي ڪابه انفارميشن ڪمپين ۽ حڪمت عملي نه هئي. هن وڌيڪ چيو ته احسن اقبال پرائيس ڪنٽرول ڪميٽي جو چيئرمين هو مهانگائي جي اصل ذميوار پي ٽي آءِ هئي ته احسن اقبال جاچ چو نه ڪرائي. احسن اقبال نيشنل پرائيس ڪنٽرول جو ايترو وڏو ادارو سنڀاليو پران جي ڪيس ڪابه خبر نه هئي. دانيال عزيز چيو ته هي جيڪي بهترين ڪارڪردگي وارا آهن اهي سڀ پارٽي ۾ بنا مقابلي چونڊجي ويندا آهن احسن اقبال جو پٽ ضلعي جو چيئرمين به بنا مقابلي چونڊجو هو مون پارٽي ٽڪيٽ لاءِ ڪابه سفارش نه ڪرائي. چاهيان ٿو ته پارٽي جيڪي غلطيون ڪيون آهن اهي ٻيهر نه ٿين.

بقايا 15 ***

ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب فائرنگ جو واقعو حدور ويجهو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ بس ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي ۽ بس کي باهه لڳي وئي. ڊپٽي ڪمشنر ديامر عارف احمد موجب بس ۾ 26 مسافر سوار هئا. حادثي ۾ 8 ڄڻا فوت ۽ 16 زخمي ٿي پيا. پوليس موجب مسافر بس غذر ضلعي کان راولپنڊي وڃي رهي هئي، حادثي واري هنڌ ريسڪيو ٽيمون روانيون ڪيون ويون آهن. ڊپٽي ڪمشنر چلاس جو چوڻ آهي ته فوتين جا لاش ۽ زخمين کي ريجنل هيڊڪوارٽر اسپتال چلاس منتقل ڪيو ويو آهي. گلگت بلتستان جي گهرو وزير شمس لون خصوصي معاونت سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته چلاس ويجهو مسافر بس تي فائرنگ کليل دهشتگردي آهي. شمس لون چيو ته دهشتگردي ۾ ملوث جوابدارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. دهشتگردي جي واقعي ۾ ڀارت جي ملوث هجڻ کي رد نٿو ڪري سگهجي.

بقايا 16 ***

جا مفتاح اسماعيل سان معاملا طئي ٿيڻ وارا آهن. هو جلد پ پ ۾ باضابطا طور شموليت جو اعلان ڪندو. ذريعن موجب مفتاح اسماعيل جي امڪاني شموليت جي معاملي تي پ پ قيادت کي اعتماد ۾ ورتو ويو. پارٽي قيادت جي منظوري ڪانپوءِ مفتاح اسماعيل سان رابطن جي شروعات ڪئي وئي. واضح رهي ته مفتاح اسماعيل ن ليگ جي حڪومتي دور ۾ ناڻي وارو وزير رهي چڪو آهي.

بقايا 17 ***

ولد شاهه محمد خاصخيلي موقعي تي فوت ٿي ويا. جڏهن ته آصف ولد شاهه محمد خاصخيلي سخت زخمي ٿي پيو ڳوٺاڻن جي اطلاع تي همدرد فري ايمبولينس ذريعي فوتين ۽ زخمي کي تعلقہ اسپتال سڪرنڊ آندو ويو. جتي زخمي آصف خاصخيلي جي حالت گنڀير جوڳي هجڻ ڪري نواب شاهه اسپتال نيو ويو آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته فوتي ۽ زخمي سڳا ڀائر آهن جيڪي سڪرنڊ پرسان ڳوٺ نبي بخش خاصخيلي جا رهواسي آهي پورهيت صبح سوير موٽرسائيڪل تي ڪيلي جي مزدوري لاءِ وڃي رهيا ته حادثو پيش آيو واقعي کان پوءِ فوتين جا لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ قهرام مچي ويو آهي ٻئي پاسي ٽرڪ ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو آهي. سڪرنڊ پوليس ٽرڪ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 18 ***

۾ چار کان پنج چونڊون جعلي هيون، رڳو ڪاغذي ڪارروائي هئي، پارٽي ۾ جمهوريت هجڻ گهرجي، ڏانڊليون نه ٿيڻ گهرجن. هن چيو ته جڏهن حلف کڻون ٿا ته واعدو ڪريون ٿا ته ڪو به ڳجهو نه پڌرو ڪنداسين، اڳوڻو چيئرمين غداري ۽ آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي، مٿس دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪيو وڃي. پرويز خٽڪ جو چوڻ آهي ته جڏهن سندس حڪومت ختم ٿي ته اسان وٽ اڪثريت نه هئي. هن سوچيو هو ته ملڪ کي هلڻ نه ڏينداسين، جنهن سان ملڪي معيشت متاثر ٿي. بي ٽي آءِ پارلياماني سربراهه وڌيڪ چيو ته فوجي اڏن تي حملن لاءِ الڳ ٽيم ٺاهي وئي. ڪو به سياستدان اسيمبلي ٽوڙڻ جي حق ۾ ناهي. هن جو اهو به چوڻ آهي ته اڳوڻي چيئرمين پي ٽي آءِ کي واضح ڪيو ته صوبائي اسيمبلي ٽوڙي نه وڃي. هو ڪنهن جي اڳيان جهڪڻ برداشت نه ڪندو.

بقايا 19 ***

شامل آهن. آتشبازي لاهور کان ڪراچي موڪلي وئي هئي. ريلوي اختيارين جو چوڻ آهي ته ڪارگو مان آتش گير مادو هٿ ڪندڙ 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ريلوي اختيارين موجب جوابدارن خلاف ريلوي پوليس ڪراچي سٽي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 20 ***

خان جو چوڻ آهي ته لاهور ۾ هلندڙ سال ڊينگي جا 6 هزار 602 مريض سامهون آيا آهن سيڪريٽري صحت ٻڌايو ته لاهور ۾ 61، راولپنڊي ۾ 2، گوجرانوالا ۾ 11، فيصل آباد ۾ 10، ملتان ۾ 4 ۽ شيخوپوره ۾ 2 نوان ڊينگي جي مريضن جي تصديق ٿي آهي. هن ٻڌايو ته ناروول، اوڪاڙه، مظفر ڳڙهه، بهاولپور، وهاڙي، لوڌران ۽ خوشاب ۾ هڪ هڪ نئون مريض سامهون آيو آهي هن اهو به چيو ته هن وقت پنجاب جي اسپتالن ۾ ڊينگي جا 72 مريض علاج هيٺ آهن.

بقايا 21 ***

ليڊرن ۽ ڪارڪنن لاءِ ٻڏي مرڻ جو مقام آهي. ن ليگ اڳواڻ سوشل ميڊيا تي پي ٽي آءِ جي نئين چونڊيل چيئرمين بئرسٽر گوهر علي خان جو چونڊ پوسٽر شيئر ڪيو جڏهن هو پ پ طرفان قومي اسيمبلي جي سيٽ جو اميدوار هو ۽ لکيو ته تحريڪ انصاف جي نئين چيئرمين جو 008 کان 2022 تائين 14 سال آصف زرداري قائد رهيو، هو 2022 ۾ پي ٽي آءِ ۾ آيو هن طنز ڪندي چيو ته هڪ سال اندر عمران خان کي زرداري جو تيار ڪيل هيرو پسند آيو ته پنهنجي ڪرسي ان حوالي ڪري ڇڏيائين، پنهنجي غير حاضري ۾ هو پراڻن ساٿين تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جنهن شخص سڄي عمر ماڻهن کي دوکا ڏنا هجن. ان لاءِ ٻين تي اعتبار ڏکيو هوندو آهي.

بقايا 22 ***

هزار رپين تائين مهانگي ٿي وئي آهي ۽ ان جي نئين قيمت هاڻ 5 هزار رپيا ٿي وئي آهي. دستاويز موجب تازي هفتي ۾ پشاور ۾ يوريا ٻاڻ جي پمت 1000 رپيا وڌي، گوجرانوالا ۾ 500 رپيا، سکر ۾ 300 رپيا مهانگي ٿي. لاڙڪاڻي ۾ يوريا جي 50 ڪلو ٻوري 195 رپين تائين مهانگي ٿي، لاهور ۾ 100 رپيا، سرگوڌا ۾ 67 رپيا وڌي.

بقايا 23 ***

گذريل رات پراڻي دشمني تان عورت تي فائرنگ ڪئي.ان حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي ته ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 24 ***

وي پوليس موجب صوابي ٿاڻي جي ايس ايڇ او خلاف قلم 144 جي ڀڃڪڙي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.ان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته گذريل ڏينهن ورڪرز ڪنوينشن ۾ پي ٽي آءِ جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

بقايا 25 ***

سائفر ڪيس جي ٻڌڻي اڊيالا جيل ۾ ڪئي. عمران خان بيان ڏنو ته وزيراعظم طور سائفر جي معاملي تي جاچ جو حڪم ڏنو. ان ۾ جيڪي ماڻهو ملوث آهن اهي طاقتور آهن. ڪين بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته اسان کي ٻڪرين جيان بند ڪيو ويو نواز شريف کي هوڏانهن هيڏي آندو ويو آهي.

بقايا 26 ***

اسپيڪر اسد قيصر کي مردان جي جڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت اسد قيصر جي جسماني رماند تي پوليس جي درخواست رد ڪري ڇڏي. پوليس عدالت کي ٻڌايو ته اسد قيصر خلاف 9 مئي تي ٻج ڊاهه واري واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 27 ***

زهرا بلوچ پنهنجي بيان ۾ چيو ته پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ ڪيترن ئي معاملن تي مشاورت جاري آهي، مشاورتي عمل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ دورا به ٿيندا آهن. هن چيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ اهم آمريڪي عهديدارن جا پاڪستان جا دورا به ٿي رهيا آهن. آبادي، پناهگيرن ۽ مائيگريشن بابت اسسٽنٽ سيڪريٽري پاڪستان جو دورو ڪندي. سندس چوڻ هو ته جوليٽا والس نوئيس 4 کان 6 ڊسمبر تائين پاڪستان جو دورو ڪندي، افغانستان لاءِ خاص نمائندو ٽام ويسٽ 7 کان 9 ڊسمبر تائين اسلام آباد جو دورو ڪندو جڏهن ته پرنسپل ڊپٽي اسسٽنٽ سيڪريٽري الزبيٿ هورسٽ جو دورو 9 کان 12 ڊسمبر تائين هوندو. پرڏيهي کاتي جي ترجمان چيو ته آمريڪي عهديدارن جا دورا رڳو افغانستان سان مسئلن تائين محدود ناهن. اهي دورا آمريڪا سان افغانستان جي صورتحال سميت ڪيترن ئي مسئلن تي جاري ڳالهين جو حصو آهن

بقايا 28 ***

مڙهي ڇڏي. نيوزيلينڊ جي وزيراعظم ڪرسٽوفر ليڪسن اهو اعلان ان وقت ڪيو جڏهن اتي تعليمي معيار ۾ گهٽتائي ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. ڪجهه عرصو اڳ نيوزيلينڊ جي اسڪولن کي دنيا ۾ بهترين تصور ڪيو ويندو هو پر پوءِ اتان جي تعليمي معيار ۾ گهٽتائي ڏسڻ ۾ آئي. وزيراعظم ڪرسٽوفر ليڪس چيو ته اسڪولن ۾ موبائيل فونز تي پابندي سان شاگردن جو رويو بهتر ٿيندو ۽ انهن کي پڙهائي تي ڌيان ڏيڻ ۾ مدد ملندي.

بقايا 29 ***

گاڏين جي جاچ لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم جي سربراهي ۾ پنج رڪني ڪميٽي قائم وئي آهي.ايڊيشنل سيڪريٽري، ايس اينڊ جي ڊي اي جي سربراهي ۾ قائم ڪميٽي گم ٿيل سرڪاري گاڏين جي جاچ ڪندي جڏهن ته جاچ ڪميٽي 2007 کان سال 2016 تائين گاڏين جي خريداري جو ڪارڊ به چيڪ ڪندي، سرڪاري گاڏيون ڪٿي ڪٿي ناجائز استعمال ٿيون، جاچ ڪميٽي ان جو به جائزو وٺندي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب سنڌ حڪومت جي قائم ڪيل ڪميٽي آفيسرن، اڳوڻن وزيرن ۽ اڳوڻن ايم پي ايز کي ست ڏينهن ۾ گاڏيون واپس ڪرڻ جو لکندي. نوٽيس جي باوجود گاڏيون واپس نه ڪندڙن جي خلاف قانوني ڪارروائي جي لاءِ اينٽي ڪرپشن کي خط لکيو ويندو

بقايا 30 ***

۽ اڄ دنيا جو گدلو ترين شهر رهيو ايئر ڪوالٽي انڊيڪس موجب پاڪستان جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچي ۾ هوا ۾ گدلاڻ جي شرح 244 پرٽيڪيوليٽ ميٽر رڪارڊ ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ ڪراچي دنيا جي گدلن ترين شهرن جي فهرست ۾ پهرئين نمبر تي اچي ويو

بقايا 31 ***

. هن چيو ته جيڪڏهن پهريان اهو تاثر پيدا ٿيو ته ڪير فيوريٽ آهي ان سان چونڊن ۾ وسوسا پيدا ٿيندا آهن جيڪڏهن اسان فيوريٽ جي ڳالهه ڪريون ٿا ته مطلب چونڊون شفاف نه ٿينديون. سياسي پارٽيون هڪ ٻئي تي الزام لڳائينديون آهن ته هو فيوريٽ ٿي وئي آهي. شايد سڀني کي فيوريٽ بنجڻ جو شوق هوندو آهي جنهن سان ملڪ کي نقصان پهچندو هن چيو ته منهنجي ڪنهن سان به ناراضگي نه آهي. مريم نواز منهنجي ننڍي ڀيڻ آهي ان سان اختلاف نه آهي نه ئي وري ناراضگي. مان هڪ سياسي سوچ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان جنهن سوچ تي منهنجي پارٽي عمل ڪري رهي آهي. مان ان سوچ سان اتفاق نٿو ڪريان. شاهد خاقان عباسي چيو ته منهنجي پارٽي جي اقتدار جي سوچ آهي. اسان کي اقتدار کي ڌار رکڻو پوندو اڄ سياست اقتدار کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٿي رهي آهي. چونڊن ۾ حصو لاءِ ورتو ويندو آهي. اڄ ٿوري سوچ آهي ان کي بدلڻو پوندو اقتدار ۽ صرف اقتدار واري سياست هاڻ نه هلندي.

*****

بقايا 01 سنڌيار

جي اڳواڻي ۾ جسقم جي ريلي نيشنل پريس ڪلب چوڪ پهتي جتي سنڌ جي ثقافت جي نعرن جي گونج جسقم اڳواڻ جميل ڏونڪائي جي اڳواڻي ۾ ريلي پهتي ريليون مڪ چوڪ نيشنل پريس ڪلب چوڪ تي پهتيون ريلين ۾ شريڪ اڳواڻن سريش مالهي، ڊاڪٽر بخش سينهڙو ،جميل ڏونڪائي، خان محمد خاصخيلي. نول راءِ مهيشوري. لياقت ڪالرو .علي نواز ڪالرو،نول ميگهواڙ. سارنگ خاصخيلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙي وسيلي سڄي دنيا ۾ سنو پيغام وڃي ٿو 5000 هزار سال پراڻي تهذيب ۽ سنڌ جي ثقافت صدين کان سنڌ جا وارث آهيون هنن وڌيڪ چيو ته ڪارونجهر سنڌ جي سونهن آهي ان جي هٿچراند بند ڪئي وڃي سنڌ جي معدني وسيلن تان قبضا ختم ڪري سنڌ مان ڌارين کي نيڪالي ڏني وڃي. ٻئي پاسي سپر ٽيڪ گرامر پبلڪ اسڪول ۾ رنگا رنگ ثقافتي تقريب ڪوٺائي وئي شاگردن مير زما پلي . غلام حيدر شاهه. عبدالرحمان ڪنيار .ساجد چانڊيو ۽ ٻين تقريرون ڪيون ٽيبلوز پيش ڪيا قومي لوڪ گيت هوجمالو تي جهمريون هڻي تقريب کي جهومائي ڇڏيو جڏهن ته اسڪول جي استادن ڪشور پرمار. سلمان محمد. راجيش صحافين علي محمد شيدي راضوان راجپوت. ادريس سينهڙو. نادر بروهي. پرديپ چوهان. راڻو مل. گلجي سورمائي. بلال سينهڙو سميت شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 02 سنڌيار

چيو آهي ته سنڌ جي موجوده حڪومت ڪي سنڌ جون قيمتي زمينون پڳڙون مٽ عيوض ليز تي ڏيڻ جو ڪوبه حق ڪونه آهي. نگران حڪومت جو ڪم صرف بروقت صاف، شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن حوالي ڪرڻ آهي. اهو فيصلو عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن فيصلو آهي. سنڌ جي زرعي زمينن تي سڀ کان اول حق هتان جي هارين جو آهي. اڄ به سنڌ ۾ لکين هاري وڏن جاگيردارن وٽ ڏهاڙي تي مزدوري ڪري رهيا آهن قوم ڪي پاڇيون. اناج اپائي ڏيڻ وارن جي گهرن ۾ اڄ به ٻڪ واڪا ڪري رهي آهي انڪري سنڌ جي زمينن تي پهريون حق هتان جي هارين جو آهي. صوبائي اميراج هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت ڪي جيڪڏهن زمينون ورهائڻ جو ايترو ئي شوق آهي ته زمينون مقتدر ادارن حوالي ڪرڻ بدران هتان جي هارين نارين کي ڏنيون وڃن. 52713 ايڪڙ زمين ليز تي ڏيڻ جي منظوري سنڌ جي عوام سان سراسر بي واجبي ۽ هتان جي هارين سان ظلم آهي. حڪومت ادارن کي زمينون الاٽ ڪري رهي آهي. پرصدين کان هاريو ڪندڙ هاري اڄ به ٻڪ ۽ بدحالي واري حياتي گذارڻ تي مجبور آهن. هن وقت جڏهن سنڌ ۾ پهرين ئي وفاق ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف سنڌن استحصالي ايجنڊي جي ڪري ڪاوڙ موجود آهي تڏهن اهڙي قسم جا غير دانشمندانه فيصلن جي ڪري وڌيڪ ناراضگي جو خدشو آهي. هڪ پاسي ته چند گز زمين تي عام ماڻهن پاران ڪوڪو رڪڻ تي به ڪين گرفتار ۽ ڏنڊ وڌو ٿو وڃي ته ٻي طرف وري هزارين ايڪڙ قيمتي زرعي زمينون ادارن حوالي ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي. جماعت اسلامي سنڌ اهڙي سنڌ دشمن فيصلن جي سخت مذمت ڪري ٿي سنڌ جي نگران سرڪار ان فيصلي کي واپس وٺي عوام ۾ موجود ڪاوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري.

بقايا 03 سنڌيار

جتي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي، ريلي ۾ ننڍڙا ٻار، نوجوان سنڌي ويس ۾ پرجوش نظر آيا، ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن شڪيل راڄپر، امتياز راڄپر احسان پنگو، خليق راڄپر، منتار راڄپر منصور ڪنڊ ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي هزارين سال پراڻي آهي جنهن جا وارث اسان سنڌي آهيون سنڌ هن مهل ڏکي دور مان گذري رهي آهي سنڌ مٿان ڌارين جي يلغار آهي، ڌاري آبادڪاري سبب سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿي رهيا آهن سنڌ جي وسيلن تي ڌارين جو قبضو آهي. سنڌ هن مهل واڳڻ جي وات ۾ آهي اسان سڀني کي متحد ٿيڻو پوندو تڏهن ئي ڌرتيءَ بچائي سگهنداسين. ريلي ۾ موجود نوجوانن سنڌ جي قومي گيتن تي رقص ڪيو.

بقايا 04 سنڌيار

گورنمنٽ هاءِ اسڪول ڪيڻ جي استادن شاگردن قومي لباس پائي قومي گيتن تي رقص ڪري عيد جيان ملهايو ريلي ۾ ٽائون چيئرمين صدام جمالي جي ٽيم فشر فوڪ جي اڳواڻ رحيم چنڊائي ايس ٽي پي جي ڪفايت سنڌي لڪاڏنو خاصخيلي ٽائون ڪائونسلر حاجي محمد جمن واهرو پ پ اڳواڻ نورمحمد ملاح يوسي ڀهدمي چيئرمين محمد اسلم جمالي دلاور حسين خواجا محبوب جمالي ڊاڪٽر شيراز خواجا فرحان پبلڪ جي استادن سخاوت حسين عنايت حسين شاهه زمان چانڊيو هاءِ اسڪول جي استادن اياز خواجا محمد اشرف لوهار ۽ ٻين واپارين شهرين ۽ هر مڪتبي فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي ريلي ڀهدمي چوڪ ڪان قومي گيتن تي رقص ڪري قومي لباس پائي عوامي پريس ڪلب جي اڳيان ڳالهائيندي چيو اسان جس ڏيون ٿا سنڌي ميڊيا کي جنهن سنڌ جي ثقافت اجاگر ڪرڻ لاءِ هن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو سنڌ جي قديم ثقافت آهي ڪنهن تي جيترو ڳالهائجي گهٽ آهي

بقايا 05 سنڌيار

. ور. شهر ۽ ٻين شهرن ۾ اسڪولي شاگردن استادن ،هارين زميندارن سوشل ورڪرن صحافين سياسي سماجي اڳواڻن . سنڌ جي ثقافت جو ڏينهن شاندار نموني ملهايو ٽوپي اجرڪ پٽڪو پائي ريليون ڪڍي ثقافتي گيتن تي رقص ڪيو ۽ جهومريون هنيون انهيءَ موقعي تي مقررين پنهنجي پيغام ۾ چيو ته سنڌ جي ثقافت اسان جي سڃاڻپ آهه جيڪا صدين کان سنڌي قوم جي جياپي جي نشاني آهه هنن چيو ته هن ثقافت جي ڏينهن تي اهو وچن ڪيون ته اڄو سڀ گڏجي سنڌ ماءُ جي خدمت ۽ عظمت لاءِ ڪردار ادا ڪيون.

بقايا 06 سنڌيار

عيد جيان ملهايو ويو پريس ڪلب مڪلي تي مڪلي. نيشنل پريس ڪلب، عوامي پريس ڪلب ٺٽو.ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو ۽ پريس ڪلب ٺٽو جي اڳيان مختلف سياسي .سماجي تنظيمن ۽ نوجوانن پاران هڪ وڏي ثقافتي ريلي جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف برادرين جي نوجوانن حصو ورتو. ٻئي طرف صوفي سنگت ٺٽو مڪلي ۽ اسد خشڪ ۽ سنگت پاران پڻ الڳ الڳ ثقافتي ريلي ڪڍي جنهن جي اڳواڻي موعيز اعوان، منان قريشي، اسد خشڪ ۽ ٻين ڪئي ۽ قومي گيتن تي جهمريون هڻي ثقافتي ڏيهاڙي کي ڀرپور نموني ملهايس هوڏانهن ٺٽو يوٿ ايڪشن ڪميٽي پاران هڪ وڏي ريلي يوٿ ڪميٽي جي چيئرمن فهد ڪرناٽي جي اڳواڻي مان شهيد شفيع محمد ڪرناٽي بائي پاس چوڪ وٽان ڪڍي وئي جيڪا مين نيشنل هائي وي ٺٽو ۽ ننگر پبلڪ پريس ڪلب اڳيان گذرندي مڪلي پهتي ۽ اين 3 پمپ تي اختتام پذير ٿي، هوڏانهن سنڌ ملاح فورم ٺٽي پاران ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو، محمد خان ملاح، وڏيرو محمد عرس گندرو، محمد ايوب ملاح جي اڳواڻي ۾ ثقافتي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي کي خطاب ڪندي مقررن چيو سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي آهي، اسانکي پنهنجي ثقافت تي نازاهي جنهن ۾ سنڌي ٽوپي، اجرڪ، ڪهاڙي، پٽڪو اهم نشاني آهي، هنن چيو اسان جو ثقافتي ڏيهاڙو عيد ڏيهاڙي کان گهٽ ناهي، جنهن کي هرسال جوش جذبي سان ملهايون ٿا، سنڌي ثقافت ئي سنڌي ماڻهن جي سڃاڻپ آهي.

بقايا 07 سنڌيار

چوڪ تي پهتي، ان موقعي تي نوجوانن قومي گيتن تي رقص ڪيو ۽ جهمريون هنيون، ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن وحيد علي تنيو، نثار عباسي ديدار علي ، غلام پرور ڪونڌر، پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي، فوجي نجم الدين پاٽيڻ محرم علي ڪوڪر عبدالجبار راجپوت، عاجز امتياز نوح پوٽو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته ثقافتي ڏهاڙي جو اعلان ڪري سنڌ يار سٽ سنڌ جي مايوس ماڻهن ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي ۽ اهڙي جدوجهد وسيلي منزل ماڻي سگهجي ٿي، هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي ثقافت پنج هزار سال قديم آهي ۽ اسان کي پنهنجي ثقافت تي ناز آهي

بقايا 08 سنڌيار

کي اجاگر ڪرڻ لاءِ شهرين تقريب ۾ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته نوجوان قومي گيتن تي رقص ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، ان موقعي تي ساٺوٽ سٽي هنڊا شوروم جي مالڪ عبدالشڪور عباسي سميت آيل مهمانن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي ثقافت اسان جي دلين ۾ سمايل آهي ان ڪري پنهنجي ثقافت کي ڀرپور ملهائڻ لاءِ ساٺوٽ هنڊا سٽي پاران اهتمام ڪيو ويو آهي چاڪاڻ ته هنڊا سٽي به سنڌ واسين سان محبت جي اظهار لاءِ ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور طريقي سان ملهائي رهي آهي، اجوڪو ڏينهن خوشين جو ڏينهن آهي اڄ جو ڏينهن نفرتن کي وساري محبتون ورهائڻ جو ڏينهن آهي اسان هنڊا شوروم پاران سنڌ واسين کي مبارڪ پيش ڪيون ٿا، ان موقعي تي ساٺوٽ سٽي هنڊا شوروم جي مالڪ عبدالشڪور عباسي طرفان آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي ٽوپي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 09 سنڌيار

ان حوالي سان متاثر گاڏي مالڪن جو چوڻ هو ته ايڪسائيز ڪاتي جي موٽروهيڪل ڊپارٽمينٽ طرفان پنهنجا ايجنٽ مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي شهرين کي ڪاغذ ٺهرائي ڏيڻ لاءِ انهن کان ٻيڻا ۽ ٽيڻا پئسا وصول ڪري رهيا آهن جڏهن ته واسطيدار ڪاتي جا عملدار ڪاغذ اڻپورا ڄاڻائي شهرين کي پنهنجي ايجنٽن طرف موڪلي رهيا آهن ته جيئن هو پنهنجا کيسا به گرم ڪري سگهن. جڏهن ته اهڙي عمل خلاف سکر جي سماجي، مذهبي اڳواڻن سميت سول سوسائٽي جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ايڪسائيز ڪاتي جو موٽروهيڪل ڊپارٽمينٽ شهرين لاءِ عذاب بڻجندو پيو وڃي، مذڪوره ڪاتي ۾ موجوده ڪرپٽ عملدارن کي هٽائي ڪين توان آفيسر موڪليا وڃن جيڪي اداري جي ساک خراب ٿيڻ کان بچائڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪن. هنن سنڌ جي نگران وڏي وزير، سميت ٻين واسطيدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته سکر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڪاتي جي موٽروهيڪل ڊپارٽمينٽ ۾ ٿيل بدعنوانين جي جاچ ڪرائي ڪين ملوث اختيارين خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آئين.

بقايا 10 سنڌيار

موجب . ساماررو روڊ واسي بيواهه عورت امينا چوهاڻ . نيامت چوهاڻ . علي اڪبر چوهاڻ . جمعو چوهاڻ ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب ساماررو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن جو چوڻ هو ته پاڙيسري بچايو چوهاڻ. علي چوهاڻ .جمعو چوهاڻ حنيف چوهاڻ . رمضان چوهاڻ ميرواهه. ڪالو چوهاڻ ۽ ٻين اسانجي گهر تي حملو ڪيو آهي اسانجا گهرجا ٽي چار پاتي زخمي ڪيا پوليس وري اسانجي گهر جو پاتي ڪٽي وٺي پوليس اسانجي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، بيواهه عورت امينا چوهاڻ چيو ته اهي پاڙيسري اسانکي گهٽي عرصي کان تنگ ڪن پيا اسانجي دانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، هن چيو گهر ۾ گهڙي اهي جن جا نالا ڏنا ويا آهن انهن منهنجي ننڍي معصوم پٽ کي ڌڪ هنيا ۽ ٻين گهرجي ڀينن پاتين کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا ڀاڙي ۾ جوا هلي ٿي پر پوليس ڪا به ڪارروائي نٿي ڪري، هنن مطالبو ڪيو ته انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 11 سنڌيار

بهادر . ايس پي جمشيد علينا راڄپر ايس پي جاچ ايسٽ مسعود مگسي ۽ ٻين پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي جڏهن ته شهيدن جي وارثن سان ڊي آئي جي غلام اظفر مهيسر ملاقات ڪري ڪين تحفا پيش ڪيا .ان موقعي تي ڊي آءِ جي ايسٽ زون غلام اظفر مهيسر چيو ته شهيدن جي قربانين تي ڪين خراج تحسين پيش ڪريان ٿو ۽ شهيدن جي قربانين کي ڪنهن صورت ۾ وساري نٿو سگهجي شهيدن جا وارث پاڻ کي اڪيلو نه سمجهن مون سميت تمام پوليس آفيسر ۽ جوان انهن سان گڏ آهن اسين شهيدن جي وارثن سان هر ڏک سک ۾ گڏ بيٺل رهنداسين هن وڌيڪ چيو ته ته شهيدن جي وارثن جا مسئلا معلوم ڪرڻ لاءِ ضلعي ايسٽ ۾ شهيدن جي وارثن جو واٽس اپ گروپ ٺاهيو ويو آهي جنهن ۾ هو پنهنجا مسئلا بيان ڪن ته جيئن انهن کي حل ڪري سگهجي ڊي آءِ جي طرفان شهيدن جي وارثن کي خاطري ڪرائي وئي ته هو شهيدن جي وارثن کي ڪنهن به صورت نه وساريو ويندو

بقايا 12 سنڌيار

جوڪيو ۽ ٻين تنظيمن پاران ريليون ڪڍيون ويون، ريليون ڪڍي ثقافت واري ڏيهاڙي کي عيد جيان ملهايو ويو ريلي کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي آهي. اسانکي پنهنجي ثقافت تي ناز آهي، جنهن ۾ سنڌي ٽوپي، اجرڪ، ڪهاڙي، پٽڪو اهم نشاني آهي، هنن چيو ته اسان جو ثقافتي ڏيهاڙو عيد ڏيهاڙي کان گهٽ ناهي، جنهن کي هرسال جوش جذبي سان ملهايون ٿا، سنڌي ثقافت ئي سنڌي ماڻهن جي سڃاڻپ آهي.

بقايا 13 سنڌيار

ته اعزازي مهمان سيد قربان علي شاهه صحافي ۽ سوشل ورڪر علي شير ڏيپر ڊاڪٽر آصف علي شاهه پير اسد علي شاهه سيد شفيع مورائي هئا؛ تقريب ۾ ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نواب شاهه جي بيمار ٻارڙن کي رت ڏيندڙ نوجوانن سيد سجاد علي شاهه. سيد پير اسد علي شاهه جيلاني، سيد شفيع محمد شاهه. سيد زبير احمد شاهه. سيد رضا محمد شاهه. سيد وقار علي شاهه. سيد سڪندر شاهه جهانيان، سيد حبيب شاهه. سيد غلام رسول شاهه. سيد عادل شاهه. سيد دين محمد شاهه. سيد عبدالله شاهه. سيد وسيم حيدر شاهه.اظهار علي ڏيپر، عرفان علي مغل، منير احمد مهر. نذير احمد ڪوريجو ستار علي ڪوسو احمد چانڊيو ممتاز علي ڪوسو اعجاز احمد ڪوسو، ممتاز علي سولنگي، امجد علي ڪانڌڙو، وفادار علي، سرائي وشال، اويس علي سولنگي راشدمشوري کي ميجتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، تقريب کي مهمان خاص ايڊووڪيٽ حاجي محمد اسلم امين آرائين: سيد قربان علي شاهه صحافي ۽ سوشل ورڪر علي شير ڏيپر پير اسد علي شاهه سيد شفيع مورائي ڊاڪٽر آصف علي شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ سيد ويلفيئر جي پليٽ فارم تان ٿيليسيميا جي بيمار ٻارڙن کي رت ڏيڻ غريب ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ غريب ماڻهن کي علاج مهيا ڪرڻ ۽ ٻيا خير جا ڪم ڪيا وڃن ٿا جنهن تي ڪين سلام پيش ڪجي ٿو سنڌ سيد ويلفيئر جي ڪارڪنن چيو ته اسان کي فخر آهي ته اسان جو چيئرمين سيد قربان قربان شاهه بهادر سڌ ۾ سڌ ڏيندڙ ۽ غريبن ۽ ٻي ٻهچن جو حقيقي درد رکندڙ انسان آهي هن پليٽ فارتان سيد برادريءَ کان علاوه تمام برادرين جي غريب ۽مستحق ماڻهن جي خدمت ڪئي وڃي ٿي اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ سيد ويلفيئر جي پليٽ فارم تان هڪ ايمبولينس ۽ صحت يونٽ ڪوليون جنهن مان غريب علاج ڪرائي سگهن ان ڪان اڳ آيل معزز مهمانن ايڊووڪيٽ حاجي محمد اسلم امين آرائين صحافي علي شير ڏيپر ڊاڪٽر سديس آصف شاهه پير اسد شاهه کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا

بقايا 14 سنڌيار

غلام حسين ڪٽپر، صاحب خان شيخ، ڪامريڊ حسين بخش ناريجو ، شاعرمنظور منگي لياقت علي ابڙو ، عبدالرحمن سپڙيو ، انجنيئر جاويد احمد پتو برڪت علي جيهو، مرلي ڌر غلام شبير ڪلهوڙو، وريام چنا، غلام نبي ڪولاچي، شاهد ميان پتو عابد علي پتو ۽ شيراز چنو داڻو ڏاهائي شرڪت ڪئي، ڪيمپ تي آيل سڀني دوستن ٽوپيون ۽ اجرڪ اوڍي سنڌي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪيو ۽ ڪئمپ تي آيل سنڌي ميڊيا جي سڀني صحافي دوستن کي موئقف ڏيندي اهو پيغام ڏنو ته سنڌ صدين کان وٺي پنهنجي شاندار ثقافت ۽ تهذيب جي مالڪ رهي آهي. اجرڪ ٽوپي ۽ پٽڪي سان گڏ پيار، امن انسانيت، صنفي مساوات ۽ مذهبي رواداري به سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جا شاندار ثقافتي عنصر ۽ اهڃاڻ آهن. اهي عظيم ثقافتي اهڃاڻ سنڌي قوم جو شاندار تهذيبي ۽ ثقافتي ورثو آهن جن سان محبت جي اظهار ۽ انهن کي صدين تائين تحفظ ڏيڻ جي لاءِ هر سال سنڌ صوبي ۽ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ سميت سڄي دنيا ۾ سنڌي ثقافت جو ڏينهن ملهايو ويندو آهي. ان سان گڏ سڀني دوستن سنڌ واسين کي اهو به پيغام ڏنو ته عرض رکيو ته سنڌ ۾ جتي به قبيلائي جهيڙا تڪرار ۽ دشمنيون آهن انهن کي ختم ڪري هڪٻئي سان قومي ٻڌي پائيپي ۽ محبت جو اظهار ڪيو وڃي ته جيئن سهڻي سنڌ دشمنين ۽ تڪرارن کان پاڪ بڻجي امن ۽ سڪون واري ڌرتي بڻجي سگهي.

بقايا 15 سنڌيار

پتو مفتي اعظم مهر، قدرت الله بروهي، زبير پتو صدام چنو سميت ٻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ثقافت جو ڏهاڙو عيد جيان آهي ان خوشيءَ جهڙي ڏهاڙي ۾ سنڌ جي دلير شهيدن ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ۽ شهيد جان محمد مهر سميت ٻين کي ياد ڪيو آهي. هو سنڌ جا هيرا آهن. شهيد اڄ به اسان جي دلين ۾ ياد آهن ۽ هميشه رهندا. انهن اهو به سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته شهيدن جي قاتلن کي گرفتار ڪري، سنڌ مان بيچينيءَ کي ختم ڪيو وڃي، انهن کي سخت سزا ڏني وڃي، شهيدن جي ڏنل قربانين کي نٿو وساري سگهجي، مولانا عبيدالله پتو ۽ مفتي اعظم مهر جو وڌيڪ چوڻ هيو ته ثقافت اسلام موجب ملائڻ گهرجي چو ته سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ شان ۽ مان آهي،

بقايا 16 سنڌيار

تصوف جي واري ڌرتي آهي، جتي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، لعل شهباز قلندر، سچل سرمست، عبدالله شاهه غازي جهڙن عظيم صوفين جا چپرچانو آهي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ثقافت ۾ مهمان نوازي، رواداري، اخلاق ۽ محبت جوجذبو سڀ کان مٿاهون آهي. سنڌ جي ثقافت ۾ اجرڪ جي رنگن وانگر دل موهيندڙ انداز شامل آهي. نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) باقرچيو آهي ته اڄ جو ڏينهن نسل پرستي، انتهاپسندي ۽ هر قسم جي تعصب خلاف محبت جو درس ڏئي ٿو

بقايا 17 سنڌيار

جيان وارهه تعلقي ۾ به سنڌي قومي ثقافتي ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، وارهه تعلقي جي ننڍن وڏن شهرن وارهه، ڳاجي ڪهاوڙ، لعلو رائنڪ ۽ وڳڻ ۾ سياسي سماجي قومپرست پارٽين، ادبي سنگت ۽ نجي اسڪولن پاران سنڌي قومي ثقافتي لباس اجرڪ سنڌي ٽوپيون ۽ سنڌي پٽڪا پهري پارٽي پرچم هٿن ۾ کڻي شاندار ريليون ڪڍيون ويون، قومي ڏڻ جي وڏي گڏيل ريلي وارهه تعلقي جي مرڪزي شهروارهه ۾ جيئي سنڌ محاذ، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، عوامي تحرڪ، قومي عوامي تحريڪ سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين پاران پنهنجي تنظيم جا جهنڊا هٿن ۾ کڻي ڌار ڌار ريليون ڪڍي ڪار اسٽينڊ وارهه پهتا ، جتهن ڪان پوءِ گڏيل شاندار ريلي ڪڍي قومي گيتن تي جهمريون هٽندا شهيد فاضل راهو چوڪ وارهه پهتا جتي گڏيل جلسو منعقد ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن ڪامريڊ غفار ميرجت، ڪامريڊ غلام مصطفي ڪاهوڙي، نجيب چانڊيو عرفان منان ، وقار رضا جوليائي، ڪامريڊ سرتاج چانڊيو، سوشل ورڪر جيڪال ڪلهوڙو ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪري سنڌ ڌرتي ۽ ثقافت کي پيٽا پيش ڪئي وئي. اڳواڻن پاران بحريه ٽائون ڊي ايچ اي ٻين متنازعه منصوبن ۽ سنڌ جي زمين زراعت جي نالي تي فورسز ڊپارٽمنٽ حوالي ڪرڻ واري حڪومتي فيصلن کي رد ڪندي اهڙن عملن کي نگران حڪومت پ پ جي اڳوڻي سنڌ گورنمينٽ ۽ رياست پنجاب جي اسٽيبلشمنٽ پاران سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش قرار ڏنو ويو اڳواڻن ۽ ريلي ۾ شريڪ تمام تر ماڻهن پاران گڏيل مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ ۾ موجود افغاني پناهه گيرن سميت سمورن غير ملڪين کي نيڪالي ڏني وڃي، سنڌ جا وسيلا سنڌ حوالي ڪيا وڃن. سنڌ جي زمين زرعي سڌاري جي نالي تي فورسز حوالي ڪرڻ بدران سنڌ جي بي زمين هارين غريبن مزدورن ۾ تقسيم ڪئي وڃي ۽ سمورا متنازعه وڏا منصوبا بحريه ٽائون ، ڊي ايڇ اي ۽ ٻيا منصوبا رد ڪيا وڃن ۽ اسان سنڌي قوم کي جنهن پاڪستان کي قائم ڪيو ان سنڌي قوم مان ٻي درجي جو پاڪستاني هجڻ واري احساس محرومي کي ختم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ اسان پنهنجن جائز مطالبن تي قائم رهي پنهنجي ثقافت پنهنجي ٻولي پنهنجي سنڌ ڌرتي جي بقاء واري جدوجهد جاري رکيون ايندا سين.

بقايا 18 سنڌيار

تي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته عوامي تحريڪ پنهنجي نظرياتي ۽ تنظيمي ڪارگذاري وسيلي سنڌ جي مختلف علائقن مان ٻهترين ڪارڪن پيدا ڪيا آهن ۽ ڪندي رهي آهي جن ماڻهن سياسي ثقافتي ۽ سماجي سڃاڳيءَ لاءِ شاندار جدوجهد ڪندي سڄي سنڌ ۾ تمام گهڻو سياسي شعور پيدا ڪيو آهي انهي موقعي تي ڪارڪن لطيف بلوچ جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي پيٽا پيش ڪئي، هوڏانهن عوامي تحريڪ تعلقي ٽنڊو باڳي جو اجلاس سومار هاليپوٽو وٽ ٿيو، جنهن ۾ شهيد سراج هاليپوٽو جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي جلسه عام ۾ تعليمي سيمينار ڪيو ويندو پروگرام کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ مختلف ڪميٽيون ٺاهيون ويون، اجلاس ۾ محبت، جيون، مهراڻ، اياز سومار، ستو، مرتضا، فاضل، مرتضا شام ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 19 سنڌيار

مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ مختلف درگاهن جي گادي نشينن مريدن عقيدتمندن اديبن شاعرن صحافين شهرين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن سميت هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي درگاهه ملڪاڻي شريف جي گادي نشين مخدوم زاهد علي ملڪاڻي، بزم صوفيائي سنڌ جي صدر صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو، درگاهه جي گادي نشين اختر علي لغاري، علي حيدر لغاري، محمد ربيع ميمڻ، محبوب الاهي ميمڻ، فقير برڪت علي چنا، عبداللطيف ڳاڙهو ميمڻ، حاجي نثار احمد ميمڻ بشير احمد لغاري، سيد نور محمد شاهه،فقير سجاد علي ميمڻ، رياض حسين قلندري طالب حسين ڪوسو درگاهه تي چادر چاڙهي دعا گهري ان موقعي تي غازي عبدالحليم لغاري، عبدالعزيز ٻگهيو مقصود احمد ميمڻ، جام ذوالفقار علي ،امجد لکن، خدا بخش ميمڻ ، عزيز ڪورائي محمد اسحاق چانڊيو عبدالرسول چانڊيو ، مراد علي ڪورائي، ڊاڪٽر ممتاز علي ميمڻ، ذوالفقار علي ٻگهيو هدايت ٻگهيو اصغر چانڊيو صادق علي زرداري، ڪاشف لغاري، عبد الحفظ عباسي، اڪمل اوڍ، مير محمد ملاح، قاضي علي بخش، لاهوتي بشيراحمد شاهه لڪياري، علي اصغر لغاري، غلام رباني، جواد علي ملڪاڻي، سچل جتوئي، محمد روشن ملاح شرڪت ڪئي جڏهن ته مشهور نعت خوان عابد علي فقير غلام اصغر ٿهيم نعتون پڙهيون بعد ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مقررين خطاب ڪندي چيو ته سائين عبدالعزيز لغاري رح هميشه حق سچ ۽ انسانيت جي خدمت امن محبت ۽ پيار جو درس ڏنو هو هڪ وڏو عالم فاضل علم جو جراح استادالعلماءِ هو ۽ وقت جو اولياءِ هو هو شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي رسالي ۽ مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي جو وڏو پارکو پڻ هوجنهن ماڻهن کي شاهه ڀٽائي ۽ مولانا رومي جي پيغامن کي پڙهي سمجهايو هنن چيو ته سائين عبدالعزيز لغاري رح هميشه سنڌ جي ترقي خوشحالي ماڻهن جي بهتري پلائي عبادت خدمت ۽ روحانيت جو سبق ڏنو ۽ هر هنڌ سندس جي موجودگي نظرايندي هئي ۽ سڄي عمر روحانيت ۽ صوفي عزم جي پيغام کي عام ڪيو هنن چيو ته اهڙيون درگاهون جيڪي انسانيت جي خدمت پائيچاري امن ۽ محبت جي تلقين ڪن اهي ئي الله تعاليٰ جا اولياءِ آهن جن وٽ روحانيت آهي جيڪي پٽڪيل سماج کي سڌي رستي تي آڻين ٿا. انهن ۾ سائين عبدالعزيز لغاري رح پڻ شامل آهي. جنهن جي درگاهه تان پٽڪيل انسان فيضياب ٿيا آهن. هنن وڌيڪ چيو سائين عبدالعزيز لغاري هميشه روشن راهون ڏيکاري انسانيت جي بهتري پلائي ڪئي هن جا ڪيترائي معجزه ڪرامتون ظاهر آهن

بقايا 20 سنڌيار

ويا آهن، عوام انهن چالاڪ سياسي يتيمن کان چڱيءَ ريت واقف ٿي چڪو آهي. عمران خان ملڪ جي عوام سان وڏا وڏا واعدا ڪيا پر چا انهن واعدن تي عمل نه ٿي سگهيو عوام جو سچو ۽ مخلص همدرد اهو آهي جيڪو عوام جي وچ ۾ رهي ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. نئون پنڌ سميت شهرجي عوام جي ڀلائي لاءِ ڪابه ڪسر نه ڇڏي ويندي اهڙن خيالن جو اظهار هن گڏريل ڏينهن نيوپنڌ ۾ نيوپنڌ ڊرينيج ڊسپوزل پمپ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو افتتاحي تقريب ۾ پ پ سنڌ اسيمبلي جو اڳوڻو ميمبر سيد فرخ احمد شاهه، ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل، مڪي شاهه ٽائون چيئرمين محمد دين، مرتضيٰ گهانگهرو، عبدالسميع پيرزادو شفيق احمد پيرزادو علي حسن منگي، رمضان عباسي، رفيق ڪوسو ٻين پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايوب پيرزادو ۽ پ پ عهديدارن ۽ ڪارڪنن صدام پناڻ ۽ مقامي رهواسي پڻ موجود هئا.افتتاحي تقريب دوران مهمان جو چوڻ هو ته سکر شهر جي تعميرءِ ترقي لاءِ ترقياتي ڪمن جو بنياد رکيو ويو آهي. انشاءالله اهي ترقياتي ڪم جلد مڪمل ڪيا ويندا هن چيو ته سکر شهر ۾ قبضا مافيا جي ڪا به جاءِ ناهي، اهي شهر ڇڏي وڃن، ڪين سر لڪائڻ جي به جاءِ نه ملندي. خطاب ڪندي مهمان خاص چيو ته پ پ عوامي نمائندي پارٽي آهي ۽ ان جا چونڊيل نمائندا عوام کي سندن جائز حق ڏيارڻ لاءِ 24 ڪلاڪ ڪم ڪري رهيا آهن. نيوپنڌ ڊرينيج ڊسپوزل جي افتتاح تي علائقي جي رهواسين ميئر سکر، ٽائون چيئرمين ۽ يوسي چيئرمين سميت قيادت جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ڪين هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا 21 سنڌيار

لاڳاپيل ڪاتن جي ناقص ڪارڪردگي سبب نيو ڳوٺ گڏريل ڏيڍ سال کان مسئلن جو ڳوڙهه بڻجي ويو آهي، جنهن سبب علائقي جا رهواسي سخت پريشان نظر اچي رهيا آهن. نيو ڳوٺ جي گهٽين ۽ پاڙن ۾ صفائي نه ٿيڻ سبب دڪاندارن سميت علائقي واسي سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. گندگي جا ڍير جمع ٿي ويا آهن ۽ ڊرينيج سسٽم مفلوج ٿي ويو آهي. راجپوت بنڌائي ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اڳواڻ ۽ سماجي شخصيت حاجي محمد شريف بنڌائي ۽ ٻين نئون ڳوٺ ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن ۾ سستي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺندي مطالبو ڪيو آهي ته ترقياتي ڪمن کي جلد مڪمل ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪري صورتحال بهتر ڪئي وڃي.

بقايا 22 سنڌيار

ڪيو مختلف سياسي سماجي تنظيمن ايس يو پي، ايس ٽي پي، پيپلز پارٽي، نواز ليگ، شهري اتحاد، سول سوسائٽي ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن الله داد خشڪ، رميز ٽونيو، آصف مگسي، امداد سومرو، زاهد مگسي، عبدالوحيد ڀٽي، وشال پليائي، وهاب پنڊرائي، مجاهد اعوان ۽ ٻين پاران الڳ الڳ ريليون ڪڍي پريس ڪلب پهتا جتان مرڪزي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهرجي مختلف رستن جو گشت ڪرڻ بعد ڪوٺوموٺو چوڪ تي پهتا جتي سنڌي گيتن ۽ ڏهل شرنائين تي جهمريون هٽي ثقافت سان محبت اظهار ڪيو ٻئي پاسي سيلرا برادري پاران 30 ميٽرن جي اجرڪ سان ريلي ڪڍي وئي جيڪا به ڪوٺوموٺو چوڪ تي پهتي.

بقايا 23 سنڌيار

ملهايو ويو ان سلسلي ۾ اين پي سي آءِ ايچ اي پاران مظهرچانڊيو ۽ ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين ملڪ ذوالفقار علي جي اڳواڻي ۾ ، ايس يو پي پاران پٺائي ننگر مان باغي مجاهد ٿهيم، ڳوٺ تارا با غ مان پاڪستان خاصخيلي راجوتي اتحاد پاران شير محمد خاصخيلي، مولا بخش خاصخيلي ۽ علي نواز ٿهيم جي، ڳوٺ سيد قبول شاهه مان ٻجورا اتحاد جي شوڪت ٻجورو، عبدالرزاق ٻجورو، محمد حسين ٻجورو، عبدالغني ٻجورو، پنهور پاڙي مان فيروز گل پنهور ۽ اعجاز علي پنهور، ڳوٺ حاجي ساند مان ساند ۽ ابڙا برادرين پاران آفتاب ابڙو امام بخش ساند ۽ حامد ساند جي اڳواڻي ۾ ريليون ڪڍيون ويون جيڪي مختلف رستن کان ٿينديون پريس ڪلب پهتيون جتي سنڌي ويس پهريل نوجوانن پاران سنڌي گيتن تي جهمريون هنيون ويون ٻئي طرف ڳوٺ ملا مڪڻ مان سماج سڌارڪ جاڻڻ سنڌي، حضور بخش ڏيرو ۽ ملو سنڌي جي اڳواڻي ۾ نوجوانن ساياتن جي قبرستان وڃي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مدفون پاڻن جي مزارن تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي ۽ سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعا گهري جڏهن ته سنڌ اسٽوڊنٽس ڪائونسل ٽنڊو آدم جي امر فيضان سومرو پاران محمدي چوڪ تي ڪتابي ميلو لڳايو ويو جتي سجو ڏينهن رش لڳي رهي ريلين دوران ڳوافغاني ڳو جا نعرا هنيا ويا ۽ نگران حڪومت کان گهر ڪئي وئي ته سنڌ مان ڌارين آبادڪاري کي نيڪالي ڏني وڃي ۽ قدرتي وسيلا سنڌ ڌرتي جي ترقي لاءِ استعمال ڪيا وڃن.

بقايا 24 سنڌيار

مهر، استاد ياسين دايو، سورج ڪمار، لال چند عرشي، وشن داس ڪرشن لال حضور بخش مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ريلي ڪڍي وئي، جنهن بعد ايڪتا جي مکيه تقريب پنج گلي چوڪ خانپورمهر ۾ منعقد ڪئي وئي پنج گلي چوڪ ۾ ايڪتا تقريب ۾ شهرين توڙي سياسي سماجي اڳواڻن، شهرين، اسڪولي سڪولي شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، چوڪ ۾ ٿيل تقريب ۾ ايس ايچ او خانپورمهر علاوالدين ٿليوٽو مهر گروپ اڳواڻ اميت ڪمار راڪريا، غلام قادر گڏاڻي، ۽ ٻين اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مکيه تقريب ۾ مختلف فنڪارن بجلي عرف شيرل گڏاڻي، بابو ملڪ، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ سنڌي گيت ڳائي ويڻلن کي جهومائي ڇڏيو هوڏانهن مختلف اسڪولن جي اسڪولي ٻارڙن پڻ سنڌي گيتن تي رقص ڪيو ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا.

بقايا 25 سنڌيار

زين شاهه جي صدارت هيٺ ٿي گڏريو اجلاس ۾ سينئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو نائب صدر جگديش آهوجا نائب صدر امير آزاد پهنور جنرل سيڪريٽري امير علي ٽيبو منير حيدر شاهه انعام ڪالاڻي ليڊيز ونگ جي ياسمين ٽيبو سميت شاگرد وڪيل عورت فرنٽ ضلعن تعلقن ميونسپل ٽائونن جي وفدن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ضلعن ڊويزنن ۽ مرڪزي شعبن کان رپورٽون ورتيون ويو جڏهن ته آئين ۾ بحث مباحثي کانپوءِ ترميمون پڻ ڪيون ويو ايس يو پي جي جنرل ڪائونسل جي ٻئي سيشن اجلاس مرڪزي اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين روشن ڪلهوڙو جي صدارت هيٺ ٿي گڏريو جنهن ۾ ايندڙ ٻن سالن لاءِ مرڪزي چونڊ ڪرائي وئي جنهن ۾ چيئرمين تي سيد جلال محمود شاهه مرڪزي صدر تي بنا مقابلي سيد زين شاهه ڪامياب ٿي ويو سيڪريٽري تي جگديش آهوجا 133 ووٽ کڻي چونڊجي ويو سندس مقابلي ۾ شاد ڪوسو 33 ووٽ کڻي سگهيو جڏهن ته چونڊيل مرڪزي صدر سيد زين شاهه آئين ۾ مليل صوابديدي اختيار استعمال ڪندي سينئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو نائب صدر 1 عارف نياز آرائين نائب صدر 2 امير آزاد پهنور نائب صدر 3 منير حيدر شاهه نائب صدر 4 منير نائچ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري انعام ڀٽي جوائينٽ سيڪريٽري محمد رمضان ٻرڙو انفارميشن سيڪريٽري خواجا نويد امين فنانس سيڪريٽري مختيار ميمڻ کي مقرر ڪيو جن کان اليڪشن چيئرمين حلف ورتو ان موقعي تي نئين چونڊيل صدر سيد زين شاهه صدارتي خطاب ڪندي چيو ته ايس يو پي جمهوري پارٽي آهي جنهن جو مقصد سنڌ کي خودمختيار خوشحال ڪري عوامي معيار کي ترقي تي پهچائڻ آهي 40 واري قرارداد تحت ملڪ ۾ نيون تبديليون آڻي ٻولي کي تحفظ ڏيارڻ لا جدجهد ڪئي ويندي پاڻي جي معاملن کي بهتر ڪرڻ چاهيون ٿاملڪ جي پاليسي ۾ هزارين ميل پري وارن ملڪن سان بهتر تعلقات ۽ پاڙيسري ملڪن سان تعلق بهتر نٿو ڪيو وڃي 40 سالن کان افغان باردرن بدران انڊيا تي سختي ڪئي وئي آهي فارين پاليسي کي درست ڪرڻو پوندو حڪمراني ڪندڙ جماعتون جو خاص طور سنڌ ۾ بي ايماني جوراڄ رهيو آهي زين شاهه وڌيڪ چيو ته انصاف لاءِ قومي نمائندگي نه اچي سگهي آهي سياست کي اسٽيبلشمينٽ جي ماتحت ڪيو ويو آهي اڌ کان وڌيڪ آبادي رکندڙ عورتن کي پينوبٽايو ويو آهي ايس يو پي عورتن کي شعور ڏئي امن انصاف حب الوطني واري حڪومت آڻڻ چاهي ٿي جنهن لاءِ سائين جي ايم سيد وانگر قرباني جو سرفهرست مثال تي عمل ڪرڻو پوندو زين شاهه وڌيڪ چيو ت زرداري طاقت جو استعمال ڪندي بحريا ٽائون مان ماڻهن کي زبردستي ڪڍيو جنهن خلاف خوف کي ختم ڪري پرامن سياسي جدجهد ذريعي ڀرپور قوت سان جواب ڏنوسين پارٽي ڪارڪن ايمانداري سان اليڪشن ۾ حصوونن بي لوٽ جدجهد سان ڪاميابيون ملنديون آهن. سينئر نائب صدر روشن ٻرڙو چيو ته ايس يو پي سنڌ جي قومي جمهوري پارٽي آهي پارٽي انٽرا اليڪشن گهٽ پارٽين ۾ ٿيندي آهي پر ايس يو پي بهتر انداز ۾ پارٽي اليڪشن ڪرائي هڪ بهتر روايتون قائم پئي ڪري پ پ سنڌ کي گندو پاڻي پياري حڪومت ڪئي خراب حڪمراني ڌرتي پيرن هيٺان ڪيدي رهي آهي مظبوط مرڪزيت سبب حق غضبن واري چئلينجن کي ايس يو پي ٿي منهن ڏئي سگهي ٿي سنڌ لانگ مارچ سخت مشڪلاتن باوجود سکر کان ڪراچي پهتي پارٽي کي رٽابندي سان هلڻو پوندو جنرل سيڪريٽري جگديش آهوجا سياسي چيو ت دنيا ۾ ٻن جنگين جو زور آهي روس جو يوڪرين اسرائيل جو فلسطين سان تڪرار عروج تي آهن انهن جنگين جا سڌا اثر ملڪ تي پون ٿا هتي فيصلو ڪيو ويو ت 17 لک افغانين کي ملڪ دربدر ڪيو ويندو هتان جون حڪومتون بظاهر سياستدان هلائين ٿا پر انهن جي پويان اسٽيبلشمينٽ جوهٿ هوندو آهي ملڪي سياست ۾ عمران خان کي سوڙهو ڪري نواز شريف کي اڳتي آندو ويو آهي پ پ کي ڊائون سائيز ڪيو پيو وڃي ان صورتحال ۾ ايس يو پي جي بهتر سياسي ساک هئڻ سبب سندس ڪردار واضع آهي پارٽي جدجهد سبب ملڪ رياض ۽ سندس پٽ تي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا 26 سنڌيار

امان ناگر آصف داريجو جاني پيچارو اويناش وقار فقير اس کي ڳاهو جواد رند ۽ واجيد علي باگراڻي سميت ٻين سهٽي جي اڳڻ تي بهچي ملڪ جي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي، ٻئي طرف سنڌي ميڊيا گروپ جي ثقافتي سڏ تي پوري ملڪ جيان شهدادپور تعلقو نڪري پيو نوجوانن سنڌي ٽوپيون ۽ پٽڪا ٻڌي ۽ اجرڪون اوڍي ڏاند گاڏين اٺ ڳاڏين سميت جهرجهنگ ۽ ڳوٺن سميت شهرجي سوائي روڊ تان سيال برادري ڏاهري برداري ڳرواڻ برداري بروهي برادري چانڊيا برادري ساند برادري راجپوت برادري ابڙا برادري قريشي برادري ٻگهيا برادري آرائين برادري ۽ قومي عوامي تحريڪ ، جسقم ايس ٽي پي سميت مختلف سياسي سماجي تنظيمن شهرين تاجرن پاران ثقافتي ويس اوڍي ثقافتي شاندار ريليون ڪڍي پريس ڪلب پهچي سنڌ ڌرتي سان وفا جو وچن ورجايو ويو.

بقايا 27 سنڌيار

گيتن تي رقص ڪيو. خبر موجب سڄي سنڌ جيان نوشهرو فيروز شهر ۾ به ايڪتا جا رنگ نکري پيا، ايڪتا عيد ڏهاڙي سوين شهرين اجرڪ ، ٽوپين ۽ پٽڪن جي جهرمر ۾ نوشهرو فيروز ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ بشيرخان پاران جسقم ضلعي صدر فيصل مستوئي عزيز پنگوار فريد لاشاري ۽ ٻين اڳواڻن ۽ سوين قومي ڪارڪنن جي اڳواڻي ۾ پبلڪ پارڪ کان پريس ڪلب نوشهرو فيروز ٽائين ڪڍي وئي ريلي ٺاروشاهه اسٽاپ الله والا چوڪ مين روڊ سنڌي ڪالوني ۽ ٻين هنڌن ٿيندي پريس ڪلب تي پهتي جتي مڪ تقريب ٿي گذري، ريلي جي شروعات تازو نوشهرو ۾ شهيد ٿيل پي پي جي 5 ڪارڪنن کي خراج پيش ڪرڻ جي لاءِ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي ان کان پويسنڌ جي قومي ترانه سان ڪئي وئي ، ان موقعي تي سڀني سنڌين پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ قومي گيتن تي جهمريون هٽي رقص پڻ ڪيو ڪيو

بقايا 28 سنڌيار

۾ به ايڪتا جا رنگ نکري پيا، ايڪتا عيد ڏهاڙي سوين شهرين اجرڪ , ٽوپين ۽ پٽڪن جي جهرمر ۾ نوشهرو فيروز روڊ منيائي چوڪ ڪان سنڌڙي چوڪ ۽ مورو منيائي روڊ ٽائين ريلي ڪڍي، ريليءَ ۾ شامل سنڌ جي سڄاڄه وند ڌرين، صحافين، قومي ڪارڪنن، شهرين ۽ ٻارڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي , ريليءَ ۾ جسقم ۽ ايس يو پي , تقريب جي شروعات شيخ اياز جي رچيل سنڌ جي قومي ترانه سان ڪئي وئي،

بقايا 29 سنڌيار

۾ پروگرام جو مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ هئا.صدارت چيئرمين هلال احمر آغا منير پٺاڻ ڪئي جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ سياسي شخصيت امير حسين جتوئي، اڳوڻو تعلقي ناظم ظفر علي شيخ، پريس ڪلب جو صدر رحيم بخش جمالي،اي ڊي ايچ او ڊاڪٽر جهانگير شيخ شامل هئا. پروگرام دوران پرنسپل طارق علي دايو ڊپٽي ڊپٽي ڊائريڪٽر ميڊم ماروي منگي، جنهن مهمانن کي پلي ڪارچيو جڏهن ته امام الله سومرو، عبدالسميع شيخ، عارف جمالي، وحيد اعوان ٻيو اسٽاف موجود هئا،پروگرام دوران ٻارڙن سنڌ ثقافت جي حوالي سان ٽيبلو پيش ڪيا ۽ قومي گيت پيش ڪيا، جڏهن تي آيل مهمانن کي اجرڪ ،ٽوپي پارائي وئي ۽ شيلڊون ڏنيون ويون ، خطاب دوران مهمانن چيو ته خصوصي ٻارڙن جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن مسئلا حل ٿي سگهجن.

بقايا 30 سنڌيار

صابر پنڌ جي نگراني هيٺ دادو پريس ڪلب آڏو منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي، سماجي،پارٽين جي تنظيمن جسقم بشير خان قريشي گروپ،ايس يو پي، پي ٽي آئي، سنڌ جا قومي ڪارڪن، سنڌ فنڪار اتحاد، سولنگي اتحاد، نوجوان تحريڪ، سخيراڻي اتحاد، منگي ويلفيئر،سنڌ ترقي پسند،چنڊ ويلفيئر، پ ت الف، سميت ٻين تنظيمن جا اڳواڻ ريليون ڪڍي دادو پريس ڪلب پهتا، پي ٽي آئي تعلقي دادو صدر ظهير چانڊيو جنرل سيڪريٽري عبدالخالق چارڻ صحافين سرور جلال سولنگي، رضوان منگي، سردار چارڻ،علي گل چنڊ ۽ ٻين کي اجرڪ اوڍايا ويا مڪ تقريب پريس ڪلب آڏو ملهائي وئي سنڌ جي سريلي راڳين،حبدار سخيراڻي، ٻالڪ سنڌي،غلام عباس چانڊيو مصطفي بروهي، اعجاز منگي،خان محمد سولنگي، احسن سخيراڻي، منصور ڪوسو، ڪامران سنڌي ۽ ٻين قومي گيت ڳائي قومي ثقافت واري ڏينهن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا،جڏهن ته سنڌ جي جڳ مشهور مزاحيه فنڪار رشيد چارڻ پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو، ان موقعي تي سنڌي ميڊيا جي صحافين سان جسقم بشير خان گروپ جي منصور جمالي،نياز چنڊ، ايس يو پي ڪامريڊ نياز پنهور،امتياز عمراڻي،سولنگي اتحاد چيف آرگنائزر محمد حسن سولنگي، سخيراڻي اتحاد جي اشرف،فدا سخيراڻي،منگي ويلفيئر جي محمد عرس منگي فرقان منگي،چنڊ ويلفيئر جي علي گل چنڊ، عمران چنڊ،سنڌ جي قومي ڪارڪن ظفر ڪوريجو،سولنگي اتحاد،وڏيرو حسين سولنگي،سرور جلال سولنگي، سوشل ورڪر آصف جمالي،خادم چانڊيو،سنڌ فنڪار اتحاد جي لالاقيروز ڪنبر،نواب سيتائي، بخشل ملاح،نوجوان تحريڪ جي غفار ٻبر،احمد ملاح،پ پ شهيد ڀٽو جي صمد عباسي،صادق جوکيو ۽ ٻين چيو ته هي ڏينهن سنڌين جو آهي سنڌي خوشنصيب آهيون جو اسان جي هزارين سال جي تهذيب،ثقافت جا وارث آهيون، سنڌ اندر ڌارين جي آبادي نامنظور آهي،نگران حڪومت کهڙي قانون تحت سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين ليز ڪري ڇڏي آهي جيڪا سنڌين کي ختم ڪرڻ جي سازش ۾ شمار آهي، هر طرف لکين پرڏيهي غيرقانوني طور سنڌ ۾ ترسيل آهن جيڪي اسان جي خلاف ڪم ڪري سنڌ ڌرتي کي تقسيم ڪرڻ چاهين ٿا جن سان ڪجه سياسي پارٽيون ٻانهن ٻيلي آهن،اسان ڪنهن به صورت ۾ ڌارين کي قبول نه ڪنداسين، جنهن وقت تائين سنڌ ۾ هڪ به سنڌي موجود آهن ان وقت تائين ڌارين کي سنڌ ڌرتي تي قبضو ڪرڻ نه ڏيو هتن چيو ته هي ڏينهن عيد کان وڌيڪ خوشين وارو آهي چاڪاڻ جو هن ڏينهن تي سنڌ سميت پوري دنيا ۾ ڪروڙين سنڌي قومي لباس پهري سنڌي گيت تي ٽوپي اجرڪ پٽڪا پهري جهمريون هٽندا آهن،اڄ دادو پريس ڪلب تي مڪ تقريب رکيل آهي جنهن ۾ هزارين شهرين پاڻمرادو شرڪت ڪري پنهنجي ڏيس سان پيار جو اظهار ڪري ڌارين کي نيڪالي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 31 سنڌيار

ڪئي وئي ثقافتي ريلي 22 ميل موري کان ٿيندي نئون ڪوٽ پريس ڪلب پهتي جتي جوڳي فقيرن مرليون وڄائي ماڻهن کي جهومائي وڌو ماڻهن جو مرلين تي رقص ڏسڻ وٽان مليو ثقافت سان محبت ڪندڙ ماڻهن جو چوڻ هر ته ايڪتا اسان جي قومي عيد آهي، سنڌي ثقافت تي فخر محسوس ڪيون ٿا، ۽ اسان کي ايڪتا عيد جهڙو ڏينهن مليو آهي جنهن تي سنڌي ثقافتي لباس پائي اسان سنڌ سان محبت جو اظهار ڪيون ٿا

بقايا 32 سنڌيار

تهذيب 5 هزار سالن تي محيط آهي، سنڌ صوفين ۽ آزاديءَ جي سرزمين آهي، اجرڪ سڄي دنيا ۾ سنڌ جي سڃاڻپ آهي، اسان پنهنجي ثقافت کي ڪڏهن به نه ڇڏينداسين، ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ جو ڏينهن آهي سنڌ صوفين ۽ ديني بزرگن جي ڌرتي آهي جن هميشه پاڻ ۾ ثقافت کي اجاگر ڪري پيار، پائيچاري ۽ رواداري جو درس ڏنو آهي.

بقايا 33 سنڌيار

ريلي ۾ هزارين جي تعداد ۾ شرڪت ڪندڙ شهري واپاري سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ استاد شاگرد مختلف تنظيمون پيپلزپارٽي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، جسقم بشير خان قريشي سنڌ ترقي پسند پارٽي فشر فوڪ فورم، شهيد دودو سومرو، سومرا اتحاد، قومي عوامي تحريڪ، پي ٽي آئي سول سوسائٽي، جي اڳواڻن، آبادگار اڳواڻ گستا ۽ پ ت الف جا اڳواڻ استاد شاگرد وڪيل پورهيت مزدورن ۽ ننڍڙا ٻارڙا پڻ شامل هئا بدين يونين آف جرنلسٽ جي صدر مرتضي ميمڻ نيشنل پريس ڪلب جي صدر نفيس ميمڻ ايوان صحافت جي صدر هارون گويانگ جنرل سيڪريٽري شفيع محمد جوڻيجو ڪائونسل آف سنڌ جرنلسٽ ضلع بدين جي صدر مصطفي جمالي جي اڳواڻي ۾ ريلي ايوان صحافت وٽ پهتي جتي سجايل اسٽيج تي لاڙ ثقافتي آرٽس ڪائونسل جي طرفان محفل موسيقي جي رکيل پروگرام ۾ شرڪت ڪئي لاڙ ثقافتي آرٽس ڪائونسل پاران رکيل محفل موسيقي ۾ لاڙ جي نالي وارن فنڪارن استاد الهڏنو جوڻيجو پريم پياسي، وسايو نوتيار، پيار علي جمالي، بالاچ حيدري امتياز سميجو سميت ڪيترن ئي فنڪارن ثقافتي گيت ڳائي ثقافتي ڏهاڙي ۾ شرڪت ڪندڙ ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو هن جنم هن جنم، هم سنڌ ۾ رهني والي سنڌي، مهمانواز هين ساري، جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا جيڪو نه سنڌ لاءِ لڙي سو سند مان لڏي وڃي جي ڳايل گيتن مان لطف اندوز ٿيندا رهيا ٻئي طرف هنڊا موٽر سائيڪل جي ڊيلر محمد حسن اپي ميمڻ ۽ عميز حسن ميمڻ طرفان ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب منعقد ڪئي جنهن ۾ قرا اندازي ذريعي ماڻهن کي انعام ۽ تقريب ۾ شريڪ ٿيندڙ صحافين کي به تحفا ڏنا ويا

بقايا 34 سنڌيار

منعقد ڪيل مڪ تقرب ۾ شامل ٿيندا رهياسکر پريس ڪلب روڊ تي اسٽيج تيار ڪئي وئي هئي جتي فنڪارن جاويدابڙو ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪري سنڌي ثقافتي گيتن سان سنڌي ثقافت کي پيٽا ڏنيءَ ان موقعي تي سنڌ ٽي وي سکر جي بيورو چيف شوڪت نوناري ڌرتي ٽي وي سکر جي بيورو چيف جاويد جتوئي عبدالغفور شيخ ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر محمد انس گهانگهروءِ آر واءِ نيوز جي رپورٽر سحرش ڪوڪر ايڪسپريس نيوز جي بيورو چيف شهزاد تابٽي پي ٽي وي جي اسلام آباد کان آيل ٽيم ۽ سکر جي رپورٽر عمران قريشي سميت وڏيانگ ۾ شامل هيا جڏهن ته سکر ۾ ثقافت واري ڏينهن تي سکر جي صحافين شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف پريس ڪلب ڪان جام شهادت واري هنڌ تائين ريلي احتجاجي ريلي ڪڍي ڪيس پيتا پيش ڪئي آهي ۽ سنڌي ٽوپي ۽اجرڪ پهري قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪندي شهيد جي جدوجهد کي سلام پيش ڪيو ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ورجايو آهي سکر يونين آف جرنلسٽ جي سڌ تي 112 ڏينهن گذرڻ باوجود سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتاري نه ڪرڻ خلاف ايس يو جي جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ صحافين سکر پريس ڪلب کان شهيد جي جام شهادت واري هنڌ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تابائي، خالد ٻانيڻ، سيد احقر شاهه، سليم سهتو، جاويد جتوئي، عمر سومرو،سحرش ڪوڪر، انس گهانگهرو، جهانزيب وسير، فاروق سومرو، جواد شاهه، ڪاشف قلپوٽو، عنايت پٽي، شاهد چٽو، سجاد علي شاهه، ياسر فاروقي، ديدار انڙ، بخش علي قلپوٽو، محمد علي سولنگي،اشفاق ڪوسو،فريد سومرو ۽ ٻيا شامل هئا، موقعي تي اڳواڻن چيو ته 112 ڏينهن گذرڻ باوجود شهيد جان محمد جا اصل قاتل گرفتار نه ڪرڻ افسوس ناڪ عمل آهي سکر پوليس اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي سنڌ حڪومت جي خاطرين به ڪو عملي قدم ناهي ڪنيو اهڙي صورتحال سبب وارثن ۽ صحافي برادري ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڇانيل آهي اسان جو عزم آهي ته جيستائين شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاج جاري رکيو ويندواحتجاجي ريلي ۾ شفيع ابڙو، صلاح الدين سميجو ابراهيم سومراڻي،اسامه طلعت، فضل الرحمان قريشي، نعيم غوري راجا شاهد، سجاد سنجراڻي، عقيل قريشي، آصف مهر، سجاول سومرو، محمد اسلم دايو ناصر جعفري، نادر سنجراڻي، سليم ڊريهو سماجي اڳواڻ سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، ساڻر لاشاري، دلبر پتو ۽ ٻين شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو ته شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 35 سنڌيار

چيو آهي ته سنڌ جي موجوده حڪومت ڪي سنڌ جون قيمتي زمينون پڳڙون مٽ عيوض ليز تي ڏيڻ جو ڪوبه حق ڪونه آهي، نگران حڪومت جو ڪم صرف بروقت صاف، شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن حوالي ڪرڻ آهي، اهو فيصلو عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن فيصلو آهي. سنڌ جي زرعي زمينن تي سڀ کان اول حق هتان جي هارين جو آهي. اڄ به سنڌ ۾ لکين هاري وڏن جاگيردارن وٽ ڏهاڙي تي مزدوري ڪري رهيا آهن قوم کي پاڇيون، اناج اپائي ڏيڻ وارن جي گهرن ۾ اڄ به ٻڪ واڪا ڪري رهي آهي انڪري سنڌ جي زمينن تي پهريون حق هتان جي هارين جو آهي. صوبائي اميراج هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت کي جيڪڏهن زمينون ورهائڻ جو ايترو ئي شوق آهي ته زمينون مقتدر ادارن حوالي ڪرڻ بدران هتان جي هارين نارين کي ڏنيون وڃن. 52713 ايڪڙ زمين ليز تي ڏيڻ جي منظوري سنڌ جي عوام سان سراسر بي واجبي ۽ هتان جي هارين سان ظلم آهي. حڪومت ادارن کي زمينون الاٽ ڪري رهي آهي، پرصدين کان هاريو ڪندڙ هاري اڄ به ٻڪ ۽ بدحالي واري حياتي گذارڻ تي مجبور آهن. هن وقت جڏهن سنڌ ۾ پهرين ئي وفاق ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف سنڌن استحصالي ايجنڊي جي ڪري ڪاوڙ موجود آهي تڏهن اهڙي قسم جا غيردانشمندانه فيصلن جي ڪري وڌيڪ ناراضگي جو خدشو آهي، هڪ پاسي ته چند گز زمين تي عام ماڻهن پاران ڪوڪو رڪڻ تي به ڪين گرفتار ۽ ڏنڊ وڌو ٿو وڃي ته ٻي طرف وري هزارين ايڪڙ قيمتي زرعي زمينون ادارن حوالي ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي. جماعت اسلامي سنڌ اهڙي سنڌ دشمن فيصلن جي سخت مذمت ڪري ٿي سنڌ جي نگران سرڪار ان فيصلي کي واپس وٺي عوام ۾ موجود ڪاوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري.

بقايا 36 سنڌيار

زين شاهه جي صدارت هيٺ ٿي گڏريو اجلاس ۾ سينئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو نائب صدر جگديش آهوجا نائب صدر امير آزاد پهنور جنرل سيڪريٽري امير علي ٽيبو منير حيدر شاهه انعام ڪالاڻي ليڊيز ونگ جي ياسمين ٽيبو سميت شاگرد وڪيل عورت فرنٽ ضلعن تعلقن ميونسپل ٽائونن جي وفدن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ضلعن ڊويزنن ۽ مرڪزي شعبن کان رپورٽون ورتيون ويو جڏهن ته آئين ۾ بحث مباحثي کانپوءِ ترميمون پڻ ڪيون ويو ايس يو پي جي جنرل ڪائونسل جي ٻئي سيشن اجلاس مرڪزي اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين روشن ڪلهوڙو جي صدارت هيٺ ٿي گڏريو جنهن ۾ ايندڙ ٻن سالن لاءِ مرڪزي چونڊ ڪرائي وئي جنهن ۾ چيئرمين تي سيد جلال محمود شاهه مرڪزي صدر تي بنا مقابلي سيد زين شاهه ڪامياب ٿي ويو سيڪريٽري تي جگديش آهوجا 133 ووٽ کڻي چونڊجي ويو سندس مقابلي ۾ شاد ڪوسو 33 ووٽ کڻي سگهيو جڏهن ته چونڊيل مرڪزي صدر سيد زين شاهه آئين ۾ مليل صوابديدي اختيار استعمال ڪندي سينئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو نائب صدر 1 عارف نياز آرائين نائب صدر 2 امير آزاد پهنور نائب صدر 3 منير حيدر شاهه نائب صدر 4 منير نائچ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري انعام ڀٽي جوائينٽ سيڪريٽري محمد رمضان ٻرڙو انفارميشن سيڪريٽري خواجا نويد امين فنانس سيڪريٽري مختيار ميمڻ کي مقرر ڪيو جن کان اليڪشن چيئرمين حلف ورتو ان موقعي تي نئين چونڊيل صدر سيد زين شاهه صدارتي خطاب ڪندي چيو ته ايس يو پي جمهوري پارٽي آهي جنهن جو مقصد سنڌ کي خودمختيار خوشحال ڪري عوامي معيار کي ترقي تي پهچائڻ آهي 40 واري قرارداد تحت ملڪ ۾ نيون تبديليون آڻي ٻولي کي تحفظ ڏيارڻ لا جدجهد ڪئي ويندي پاڻي جي معاملن کي بهتر ڪرڻ چاهيون ٿاملڪ جي پاليسي ۾ هزارين ميل پري وارن ملڪن سان بهتر تعلقات ۽ پاڙيسري ملڪن سان تعلق بهتر نٿو ڪيو وڃي 40 سالن کان افغان باردرن بدران انڊيا تي سختي ڪئي وئي آهي فارين پاليسي کي درست ڪرڻو پوندو حڪمراني ڪندڙ جماعتون جو خاص طور سنڌ ۾ بي ايماني جوراڄ رهيو آهي زين شاهه وڌيڪ چيو ته انصاف لاءِ قومي نمائندگي نه اچي سگهي آهي سياست کي اسٽيبلشمينٽ جي ماتحت ڪيو ويو آهي اڌ کان وڌيڪ آبادي رکندڙ عورتن کي پينوبٽايو ويو آهي ايس يو پي عورتن کي شعور ڏئي امن انصاف حب الوطني واري حڪومت آڻڻ چاهي ٿي جنهن لاءِ سائين جي ايم سيد وانگر قرباني جو سرفهرست مثال تي عمل ڪرڻو پوندو زين شاهه وڌيڪ چيو ت زرداري طاقت جو استعمال ڪندي بحريا ٽائون مان ماڻهن کي زبردستي ڪڍيو جنهن خلاف خوف کي ختم ڪري پرامن سياسي جدجهد ذريعي ڀرپور قوت سان جواب ڏنوسين پارٽي ڪارڪن ايمانداري سان اليڪشن ۾ حصوونن بي لوٽ جدجهد سان ڪاميابيون ملنديون آهن. سينئر نائب صدر روشن ٻرڙو چيو ته ايس يو پي سنڌ جي قومي جمهوري پارٽي آهي پارٽي انٽرا اليڪشن گهٽ پارٽين ۾ ٿيندي آهي پر ايس يو پي بهتر انداز ۾ پارٽي اليڪشن ڪرائي هڪ بهتر روايتون قائم پئي ڪري پ پ سنڌ کي گندو پاڻي پياري حڪومت ڪئي خراب حڪمراني ڌرتي پيرن هيٺان ڪيدي رهي آهي مظبوط مرڪزيت سبب حق غضبن واري چئلينجن کي ايس يو پي ٿي منهن ڏئي سگهي ٿي سنڌ لانگ مارچ سخت مشڪلاتن باوجود سکر کان ڪراچي پهتي پارٽي کي رٽابندي سان هلڻو پوندو جنرل سيڪريٽري جگديش آهوجا سياسي چيو ت دنيا ۾ ٻن جنگين جو زور آهي روس جو يوڪرين اسرائيل جو فلسطين سان تڪرار عروج تي آهن انهن جنگين جا سڌا اثر ملڪ تي پون ٿا هتي فيصلو ڪيو ويو ت 17 لک افغانين کي ملڪ دربدر ڪيو ويندو هتان جون حڪومتون بظاهر سياستدان هلائين ٿا پر انهن جي پويان اسٽيبلشمينٽ جوهٿ هوندو آهي ملڪي سياست ۾ عمران خان کي سوڙهو ڪري نواز شريف کي اڳتي آندو ويو آهي پ پ کي ڊائون سائيز ڪيو پيو وڃي ان صورتحال ۾ ايس يو پي جي بهتر سياسي ساک هئڻ سبب سندس ڪردار واضع آهي پارٽي جدجهد سبب ملڪ رياض ۽ سندس پٽ تي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا 37 سنڌيار

گورنمنٽ هاءِ اسڪول ڪيڻ جي استادن شاگردن قومجندائي ايس ٽي پي جي ڪفايت سنڌي لڪاڏنو خاصخيلي ٽائون ڪائونسلر حاجي محمد جمن واهرو پ پ اڳواڻ نورمحمد ملاح يوسي ڀهدمي چيئرمين محمد اسلم جمالي دلاور حسين خواجا محبوب جمالي ڊاڪٽر شيراز خواجا فرحان پبلڪ جي استادن سخاوت حسين عنايت حسين شاهه زمان چانڊيو هاءِ اسڪول جي استادن اياز خواجا محمد اشرف لوهار ۽ ٻين واپارين شهرين ۽ هر مڪتبي فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي ريلي ڀهدمي چوڪ ڪان قومي گيتن تي رقص ڪري قومي لباس پائي عوامي پريس ڪلب جي اڳيان ڳالهائيندي چيو اسان جس ڏيون ٿا سنڌي ميڊيا کي جنهن سنڌ جي ثقافت اجاگر ڪرڻ لاءِ هن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو سنڌ جي قديم ثقافت آهي ڪنهن تي جيترو ڳالهائجي گهٽ آهي



روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار — ايڊيٽر اعجاز مهر — ڪراچي — Reg No 2677 — ABC Certified — Daily SINDHYAR Karachi — NTN 4129440-8 — www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com